ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا



اِندرا پوناوالا 'شبنم'



اِشاعت جو ٻٽيهون سال

ساهت ۽ ڪلا جي

رچنا - ١٢٨

Sahit ain Kala ji **RACHNA**
Editor : Lakhmi Khilani

ايڊيٽر : لکمي کلاڻي

في انڪ : ٢٠ رپيا

Price Rs. 20/=
Annual Subscription Rs. 100/=
Life Subscription Rs. 1000/=

سال : ٣٢ **Year-32**

اَنڪ : ١٢٨ **Vol-128**

(Oct. - Dec. 2010)

آڪٽوبر - ڊسمبر ٢٠١٠

ڀارت کان ٻاهر :
٥٠ يو. ايس. ڊالر

پاران : اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
P.O.Box-10 Adipur (Kutch) 370205
Ph: (02836) 263851, E-mail : contact@sindhology.org Website www.sindhology.org



سلسلو

اها سڀئي صوفي شاعرن جي سخنن ۾ واڳيل آهي. انهن سُرن جو سوز پريو آلاپ تنبوري تي سنڌ-ڪڇ جي رڻ ۾، برپٽ بيابانن ۾، گهايل ڪونج پکين جي دانهن ٻڌجي، اُفق ۾ دور دور تائين گونججندو ٿو رهي.

رابيل موگري جا گل ته ڪيترن ئي ملڪن ۾ پيدا ٿيندا هوندا، پر سنڌ جي ڀون ۽ مان نڙيل انهن جي ڀيني ڀيني سڳنڌ نياري آهي.

ڀيڄ ڀِني ۽ جي ويل

سنهڙو سنهڙو چندرما

ماڪ ڀنل رابيل (شيام)

سنڌ ڌرتي ۽ جي پيدا ڪيل هيرن، لعل جواهرن جي سوانح جو مطالع ڪريون ته ڪيترين ئي اعليٰ درجي جون خوشبوئدار شخصيتون ذهن جي پردي تي اُڀري ٿيون اَچن. راج رشي ڏيارام گدومل، ساڌو هيرانند، ساڌو نولراءِ، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي، ڪوڙومل چندنمل ڪلناڻي، مرزا قليچ بيگ، حيدربخش جتوئي، آء. آء. قاضي، حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو، ڪشنچند بيوس، منگهارام ملڪاڻي، ڀڳونتي ناواڻي، شانتي هيرانند، سي. اَرجن ۽ ٻيون به ڪيتريون شخصيتون، جن سنڌي ثقافت جي اها مهڪ (Essence) پنهنجي اندر مان اُڀاري آهي.

شاهه، سچل، سامي سنڌي ثقافت جا مکيه علمبردار آهن. شاهه جون خلقيل ست ئي سورميون سنڌي تهذيب ۽ تمدن جون علامتون آهن. سنڌو ۽ جي گود ۾ پليل هرڪو سنڌي انهي ۽ ساڳي مٽي ۽ مان گهڙيل آهي. دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ آباد هوندي به هن جي ذهنيت ساڳي آهي. اڄ پل ته هو اوپري مٽي ۽ سان لتجي ويو هجي. پر جي هن مٿان چڙهيل ان دز کي هٽائي، ڪيس ڌوئي پوئي، اُکهي پُگهي صاف ڪبو ته هن جي اندر مان اُهو ئي نج اصلوڪو سنڌي نکري نروار ٿيندو. شاهه جي سنڌي ٻولي ۽ کي پيار ڪندڙ، سچل جو ڪلام گنگنائيندڙ، سنڌ جي سڀئي صوفي سگهورن سنتن، درويشن اڳيان سجدو ڪندڙ، اڄ به سندس رڳن ۾ سنڌو ۽ جو جل چوليون ماريندو نظر ايندو.

اَسانجي طرفان

موگري جي مهڪ

جيئن پرڪرتيءَ ۾ طرح طرح جي خوشبوءِ ۽ سونهن سوڀيا وارا گل آهن جيڪي اسانجي حواسن کي معطر ڪن، ساڳيءَ طرح هن سنسار ۾ ڀانت ڀانت جا اَهڙا اِنسان آهن، جيڪي پنهنجي اندر مان پيدا ڪيل رنگ ۽ هڳاءَ سان اسانجو سمورو وجود واسي ٿا ڇڏين. ڪنهن هڪ خاص خطي ۾ صدين کان رهندڙ اَهڙن انسانن جي مجموعي خصوصيتن کي سنڌن جاتيءَ جو ڪلچر يا ثقافتي سڃاڻپ سڏيو ٿو وڃي.

جي ڪشمير جي لوڪن جي مشابهت گلاب جي گل سان ڪجي، بينگالين جي رجني گنڌا جي گُلن سان، تہ سنڌين لاءِ موگري (موتِئي - رابيل - Jasmine) جو گل موزون ٿو نظر اَچي. سنڌن موگري جي ان مهڪ اَڄ سڄي هند سنڌ، ڇئنجي ڪٿي تہ سڄي عالم کي واسي ڇڏيو آهي.

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاه صاحب سنڌي جاتيءَ جي ثقافت جي اها صدا سڄي ڪائنات ۾ بلند ڪري دنيا کي صلح شانتيءَ جو، تون بہ رهہ مان بہ رهان جو، سهپ ۽ ڀائيچاري جو پيغام ڏنو آهي.

موگري جي اها مهڪ شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهي، ڀڳت ڪنوررام جي اِلاهي آواز ۾ موجود آهي جڏهن هو ڪن تي هٿ رکي آلاپيٿو 'نالي الک جي ٻيڙو تار منهنجوا'، عابده پروين ۾ موجود آهي جڏهن هوءَ ڳائيٿي 'سنڌ منهنجي امان، سونهن تنهنجيءَ مٿان، جا لکي جا لکان!'

اڍائي گهرن جو خير گهرندڙ تون سنڌي سخاوت جو وڏو صاحب آهين. تو هميشه ٻين کي ڏنو ئي ڏنو آهي. ڀارت جي آزاديءَ خاطر تون پنهنجو وطن به قربان ڪري آئين. هزارن سالن کان تون زنده آهين ۽ هن ڀارت ڀوميءَ ۾ وري نئين سر پنهنجون پاڙون پوکي هزارن سالن تائين پاڻ کي زنده رکندين . تنهنجي هستيءَ کي ڪير به مٽائي نه سگهندو. موگري جي تنهنجي اها مهڪ هميشه قائم دائم رهڻ واري آهي. شاه جي ڪلام، ڪنور جي آلاپ، شيخ اياز ۽ نارايڻ شيام جي ٻرن سان تون اُڏامندي نوان نوان اُفق تلاشيندو رهندين. توکي ڪڏهن ڪوسو واءُ لڳو ناهي، تنهنجو ڪڏهن به ڪو وار ونگو ٿيڻو ناهي، ڇو ته تون انسان ذات طرفان خلقيل بهترين قدرن جو ضامن آهين. توکي تنهنجي سنڌي ڀاشا ۽ ثقافت ايامن تائين زنده رکڻ واري آهي. توکي هانو لاهڻ جي، پنهنجو من ڪچو ڪرڻ جي ضرورت ناهي. تون اُن کي وساري ڇڏڻ جو مڪر ڪندين، پنهنجي ڇهري تي قسمين قسمين مکوٽا پائيندين، پوءِ به تنهنجي ساهه اندر سمايل اها سنڌيت توکي ياد ڏياريندي رهندي ته 'تون سنڌي آهين!'

جيترو به پاڻ کان پري ڀڄندين، سڄو ڏينهن ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي، شام جو آخر گهر موٽي اچي پنهنجيءَ هن اَمڙ جي گود ۾ آسائشي ٿيندين. هت مون وٽ اَچي سڪون حاصل ڪندين!

مبارڪون



برک شاعر شري لڪشمڻ دُبي کي سندس شاعريءَ جي ڪتاب 'اَچا ياد آهي' (٢٠٠٨) تي مرڪزي ساهت اڪادميءَ طرفان سال ٢٠١٠ لاءِ انعام عطا ٿيڻ تي.

سنڌالاجي پريوار

ٿوري عرصي لاءِ هو اڄ پنهنجي سڃاڻپ ڦلجي، دنيا جي ميلي ۾ گم ٿي ويو آهي. ڪانئس پنهنجو نالو، پيءُ جو نالو، گهر (وطن) جو ڏس پتو وسري ويو آهي. مشهور فلم هدايتڪار گوبند نهالاڻي ڪجهه ورهيه اڳ بمبئيءَ ۾ 'سڀا' جي انعامي جلسي کي خطاب ڪندي فرمايو هو ته مان توهان سڀني جو اڄ بيحد گهڻو شڪرگذار آهيان جو مون جهڙي ڀٽڪي ويل سنڌيءَ کي توهان اڄ ياد ڏياريو آهي ته مان سنڌي آهيان.

ها اسانکي اڄ اهائي ڪوشش ڪرڻي آهي ته اهڙن ڏڳ ڦلجي ويل سنڌين کي ياد ڏيارڻو آهي ته توهان هڪ اعليٰ عظيم ترين سڀيتا جو وارث آهيو (توهان شير آهيو، ٻڪري ناهيو). توهان جهيڙي جهٽي، خون خرابيءَ مان نه چاهيو. توهان هر طرح جي ذات پات، ڇوئا ڇوت، ڌرم مذهب جي ڍونگ پاکنڊ کان آجو آهيو. 'انسانيت' جي هڪ ئي وشو ڌرم ۾ اٽوٽ وشواس رکندڙ، يڪالوجودگيءَ واري فلسفي جو پيروڪار، اشرف المخلوقات آهيو. سڀني اِنسانن خواه ٻين ساهوارن پکين پسن ۾ ساڳيو ئي خالق پسي، سندس مخلوق جو سنمان ڪريو ٿا. استري ذات لاءِ توکي خاص عزت آهي. هن کي تو پنهنجي زندگيءَ ۾ برابريءَ جو درجو ڏيئي، هن جي پنهنجي سر هڪ آزاد اڪائي هئڻ جو حق تسليم ڪيو آهي. توهان پنهنجي نياڻيءَ جي نڙيءَ تي نَنهُن ڏيئي، گرڀ ۾ سندس سنگسهار نٿو ڪريو. تو لاءِ هڪ نياڻي سوُ براهمڻن برابر آهي. توهان هن کان پيرين پوائڻ بجاءِ، خود سندس چرڻ ڌوئين ٿو.

توهان هن جهان ۾ سڀني کي سُري پُري جاءِ ڏين ٿو. صبر ۽ سهنشيلتا تنهنجا خاص گڻ آهن. ڏارين کي پنهنجو ڪرڻ جو تو وٽ خاص ڏانو آهي. 'ڪر دنيا ۾ دل وڏيري- توهان به رهه مان به رهان'. بيوس سائينءَ جو اهو قولُ تنهنجي دل تي اُڪريل آهي.

ٽهڪڙا

تون اِيندو آهين تہ
وات ۾ وٺندي آهي


پريان پريان ڪي پرلاءَ
پڌندي آهيان
ڪا چانوَ گهر ۾ گهڙي ايندي آهي
جڻ سونهن جا آڪار

ڪنهن اُڇايل ٿانوَ جا سَوادَ
چپن کي چوسن تہ
لذيذ سُسِ پُسِ سُسِ پُسِ آهي
سناٽي جو ڪڙڪو يا
سُڪل پنن جي ڪڙ ڪڙ

اَڄ تہ سڄي رات
چُپ چاپ هئي
چادر جا گُهنج
ڪجائن پيا ٿا

صبح جو چانھ تي آئين
ٻنهي جا ٽهڪڙا
نڪائن ٿا جڻ

88, Neel kanth Society No.1,
P.O. BHAT- 382428
Dist. Gandhinagar (Gujarat)



غزل آرجن حاسد

ايندو رهہ تون پنڌ تا تنهنجا وڻن
هوند ڪي پرلاءَ منهنجي گهر اَچن

تون اَچين جي چانوَ جو درشن ٿئي
ديهہ جا آلاپ سُرها ٿي پون

ڪو سَوادُ آهي اُجايل ٿانوَ جو
ائن لڳي ٿو چپ چپن کي ٿا ڇُهن

تو چيو ٿي، مون ٻڌڻ جي ٿي ڪئي
لفظ ڪنهنجو حال، ڪنهن کان ٿا پُڇن

ڪنهن تہ سناٽي جو ڪڙڪو ٿي ٻڌان
يا اَلائي پن سُڪل ڪڙ ڪڙ ٿا ڪن

اڄ سڄي ئي رات خاموشي هئي
گُهنج چادر جا ائين چو ٿا ڏسن

صبح جو تون چانهہ تي پهتين اَچي
ٽهڪڙا حاسد نٽائي ٿا وڃن.

وائي

روپ تنهنجو رنگ تنهنجو
گُلموهر جو گُل

(۱)

مُرڪ تنهنجي چانڊني، تون رات جي راڻي
سُندرِي! هر انگ تنهنجو
گُلموهر جو گُل!

(۲)

ڇَپَ گلابي پنکڙيون، ڳَل موتِئي جهڙا
ساٿ تنهنجو سنگ تنهنجو
گُلموهر جو گُل!

(۳)

تون سهائي راتِ ۾ جهڙي چنبيليءَ جي وِل
وِل سريکو ونگ تنهنجو
گُلموهر جو گُل

(۴)

جسم تنهنجو ماڪ وِهنتل چڻ ڪمل آهي
ڪئن نه موهي ڍنگ تنهنجو
گُلموهر جو گُل



چڙوچڙ رچنائون ڏولڻ راهي

جيت

منهنجي شڪست چاهڻ وارا
ناڪامياب ويا،
جيت آخر منهنجي ٿي.
ڇاڪاڻ
نہ مان ڪوئا-ڊوڙ ۾ شامل هوس
نہ رڍ-رفتار ۾
مان تہ شامل هوس
اهڙي چتاپيتيءَ ۾
جنهن ۾
مان هوس ۽ .....
ٻيو ڪو بہ نہ!

سنڌي ٻوليءَ جو مُجسمو (قطعا)

(۱) پنهنجي ڏڻ هوندي نِڌڪو ٿو لڳي،
ڪيڏو لاچار نماڻو ٿو لڳي!
پنهنجي گهر مان ئي ڌڪاڻل هي ٻُڌو
سنڌي ٻوليءَ جو مجسمو ٿو لڳي!

(۲) هيڪلو ڪيڏو نہ هيڻو ٿو لڳي
نبض ٻڏندي وڃي جهيڻو ٿو لڳي
آئي. سي. يو. ۾ هي مرڻينگ ٻڌو
سنڌي ٻوليءَ جو مجسمو ٿو لڳي!



غزل لڪشمڻ ڏُبي

وينا ڪٽي مسئلا ماڻهو اُداس ڪيڏا
حالانڪِ هئا حاصل حل آس پاس ڪيڏا

ڇو ڏوڙ ۾ مِلي ويا احساس جا نگينا
وينا هئا بغل ۾ گوهر شناس ڪيڏا

مستي، مذاق، محفل، مئه ۽ سخنوري هيءَ
منهنجين اُداسين ها پاتا لِباس ڪيڏا

هڪ اجنبيءَ مثل ڏس، مونسان مِلي رهي آ
جنهن زندگيءَ لاءِ مون ها پاليا قياس ڪيڏا

نڪتا هئا گهرن کان ڳولهڻ سڪون هڪ پل
هر جاءِ تي ڏٺم سي ها بدحواس ڪيڏا

’لڪشمڻ‘ بڌاءِ توسان ڪاٿي اَچي مِلان مان
بدلي ڇڏين پيو ورِ - ورِ پنهنجا نِواس ڪيڏا

"Kavyam" Gandhari Gali, Kaziwada,
Junagadh - 362001 (Guj)


رباعي

هرڪو ڀانئو ٻٽيو ٻچڻ جي لاءِ،
جيئُ جڳ ۾ جمي مرڻ جي لاءِ
هِيانءُ ڦاڙي، رڙيون ڪري روئي
موَت کي هٿن ڀوائتو نہ ٻڌاءِ!

قطعو

پنهنجو ماضي جيئندي جيئندي
مان خود ماضي ٻڻجي ويندس
پن ڇڻ مُند ۾ وقت جي وڻ تان
زرد پنن جيان ڇڻجي ويندس!

6, Sawar House,
Srinagar Road,
Ajmer - 305007



برک سنڌي ڪهاڻيڪار، ڪوجنيڪ ۽ ترجمان جينت ريلواڻي (جنم : ٢-٩-١٩٣٦) جي ديهانت (٣٠-١١-٢٠١٠) تي اَسين سندس ڪٽنبين، ۽ سموري سنڌي جڳت سان هن غم ۾ شريڪ آهيون.

سنڌالاجي پريوار

غزل/ونود آسوداڻي



-۱-

خواب هوا پڻ ڏسندي هوندي
اُميدن تي جيئندي هوندي

رات رئي ٿي هوريان هوريان،
ڪنهن الهڙ جيان ڏچندي هوندي.

ڪنهن اڻ پوريءَ حسرت وانگر،
جهنگل جهنگل رلندي هوندي.

ياد ڪري خوابن ۾ مونکي،
پنهنجي آڱر چمندي هوندي.

ڪڏي پراڻا خط پيتيءَ مان،
سڏڪي سڏڪي پڙهندي هوندي.

ٻالهه چئي ڪير مدت پهريان،
هاڻي هن کي وڻندي هوندي.

-۲-

راهه کان ماڳ ڇا جدا آهي؟
بندي کان ڇا جدا خدا آهي؟

سونهن نيڻن ۾ ئي سمايل آ،
بس ڏسڻ جي جدا ادا آهي.

شاهه جي هٿ ۾ شال ڇيچ رهي،
سپ جي هٿ ۾ ڪٿي شفا آهي.

هڪ خبر نيت تي خدا ڏياري،
ساڌو سنتن کان هو خفا آهي.

شام جي وقت کو ڏيئو نه ٻريو،
هرطرف خوف جي هوا آهي.

خواب وڪٽي ڇڏيا، ذهن به وڪيو،
سانڊي تولاءِ رکي دُعا آهي.



غزل اَرجن چاولا

پيڙ هيڏي هئي، اَڪيلو ٿي پيس!
شور-غُل ايڏو جو ٻوڙو ٿي پيس!

شهر اُجڙيل ئي مليا مون کي هتي،
چو طرف هئي ريت جيڏانهن پي ويس!

سمنڊ بيٺل هو جُڳن کان، اِئن لڳو
ڄڻ هوا کان پڻ هلڻ وسري ويس!

هر نظاري آئيني ۾ پئي تڪيو
دز چڙهيل هئي، عڪس ڌنڌلو ٿي پيس!

روشني ڪٽ آهه اوندهه ۾ سُتي
ڄڻ تہ ڪارنهن جسم سان لپٽي پيس!

ڪاغذي ڪشتيون سنڀاري ڪنهن رکيون
ڳوٺ ۾ ڇا ٻوڏ جو خطرو لڳس!

سمجهداريءَ سان هيو سانڍي رکيل
درد دل جو ڄڻ تہ تحفو ٿي پيس!

هونئن جَڙيل موتي هو شاهي تاج ۾
پر ڪوئي بازار ۾ وڪڻي ويس!

اَڄ اَلائي ڇو لڳو ٿي اَجنبي
ڪو نئون چهرو ئي ڄڻ اوڍيل هيس!

6/198, Street No. 1
Nai Basti, Aligarh-202001 (U.P.)

-۵-

بندگي مون نہ ڀي ڪئي آهي،
صرف تو لاءِ دعا پني آهي.

راهہ ٽاندن جي، ماڳ ٽاندن جو،
ٻاهہ سان منهنجي دوستي آهي.

ڇو پڙاڏو ذهن ۾ ٿيندو رهيو؟
هوريان ڪا ڳالهہ هن ڇئي آهي.

چير پيرن ۾ چمڪندي تہ رهي
ڏانهن گهنگهرن جي ڪنهن ٻڌي آهي؟

سج ۽ چنڊ تان بہ ٿي آيس،
روشني هر ڪٿي ڦٽي آهي.

روز لهندا رهيا چتر دل جا،
زندگي پو بہ زندگي آهي.

-٦-

اَڏ لکيل خط ڪڍي لکڻ لڳس
حسرتن کي وري سبڻ ويٺس

مونکي فرصت جڏهن جڏهن بہ ملي،
پاڻ تي ڏوهہ کي مڙهڻ ويٺس

سوچي سوچي جڏهن ڇريو ٿي پيس
پاڻ تي پاڻ ئي کلڻ ويٺس

ڳالهہ مان ڪجهہ بہ ڪين ورٽو هو
ڇو پتين سان مٿو هڻڻ ويٺس

قتل لاءِ ڪاٺُ مون ڪنيو هٿ ۾
پنهنجي آڱر مگر وڍڻ ويٺس

مَن موالي ۽ ڪٿي وهڻ نہ ڏنو
ڪا گهڙي ساهي ڳر پٽڻ ويٺس.

-٧-

وقت هلندي ڪڏهن تہ بيهندو ئي،
هو بہ ساهي پٽڻ تہ وهندو ئي.

ڪير پل پل جو هِت حساب رکي،
وقت آخر ڇنا تہ پڙهندو ئي.

ٻُڪ پري ريت جا لڪائي رکيا،
ڪو ڇريو، ڪو ديوانو وٺندو ئي.

هوُ ڏسي ڪڪر خوش ٿيئي ڇو ٿو،
ڪير ڄاڻي تہ مينهُن وسندو ئي.

45/D Hemu Kalani Square,
Jaripatka, Nagpur - 440014

-٣-

پيار ۾ ڪجھ چريو ٿيڻ به ڪپي، جوهري تون ٿئين ته ڇا ٿي پيو،
صرف جيئڻ نه پر مرڻ به ڪپي. ڪوئي موتي سچو، ملڻ به ڪپي.

صرف کلندين ته ٿي چريو پونديئن، تيل ۽ وٽ ڏيئي ۾ آهي پر،
ٿورو ٿورو ادا رئڻ به ڪپي. چڻنگ اهڙي هٿو، ٻرڻ به ڪپي.

مسڪرائيندو ئي رهيس هردم، مينهن جا ڪجھ ڦڙا ڪريا هٿ تي،
چوري چپ ڪجھ ته اڄ چوڻ به ڪپي. تشنگي منهنجي ڪجھ لهڻ به ڪپي.

ڏينهن سارو ته ڪڪر ڏسندو رهيس، بيٺي بيٺي ته پير ٿڪجي پيا،
شام جي وقت ڪو وسڻ به ڪپي. هاڻي منزل ڏي رخ ڪرڻ به ڪپي.

-٤-

سچ ٻڌڻ جي جو ڪريان حسرت وقت جا پير پڻ ٿڪل ٿا لڳن،
چنڊ جيان داغ ڪو هئڻ به ڪپي. پيچرا سڀ هتي ڏٺل ٿا لڳن.

ڳائي ڳائي غزل پراڻا ٿيا، ڪير ڪنهن ڏي ڀلا نهاري ڪيئن،
ڪجھ نئون، لکڻ به ڪپي. منهن سڀني جا ئي لٿل ٿا لڳن.

سڀ پراڻا لٽا ڦٽي نه ڪيو، اڄ اُڏامڻ کان هو به، لاچار آ،
ڪو ته ڦاٽل لٽو سبڻ به ڪپي. پر نه، پر حوصلا ٽٽل ٿا لڳن.

ڳالهه گر ڪا چوين ته، آهڙي چئه، آ سڃاڻپ سنن جي باقي اها،
دل کي ٿورو گهٽو ڇهڻ به ڪپي. کي ڪٽا ٿالهيءَ ۾ بچيل ٿا لڳن.

ياد تنهنجي دل اندر ڪيئن جاء جوڙي ويئي آ
لُڙڪ بڻجي، صبرُ جو اَڄُ بند ٽوڙي ويئي آ.

آس دل جي تي اُڏامي عرش کان ڪُجھه مٿيرو
ڪِن ۾ ڏِسندي منهنجي سامهون دم سا ٽوڙي ويئي آ.

قرب جي قائل سدا کان وسنءُ ۾ ويران ڇو؟
سُڄ کان ڪُجھه پريرو دل، جاء جوڙي ويئي آ.

سلطنت جو تاج سِر تي، شهنشاهي جڻ لڳي
مخملي سيجا ملي پر ننڊ اُکوڙي ويئي آ.

دوستي ديويءَ جي دل آ، درد سان اَهڙي ڪئي
اِئن لڳي ٿو مُنهن خوشيُن کان، پاڻ موڙي ويئي آ.

9-D, Corner View Society,
15/33, Road Bandra (West)
Mumbai-400050



غزل/ديوي ناگراڻي

مُقدر جي سازش اَجا ياد آهي
اَڌوُري سا خواهش اَجا ياد آهي.

چمن جي نمائش اَجا ياد آهي
ڪليءَ تي جا بندشِ اَجا ياد آهي.

گهرن ۾ گهِري گردِشُن هو جلايو
سِتارن جي آتِش اَجا ياد آهي.

نمائِش هئن جون لڪيرون پلي ڪَن
مقدر جي سازش اجا ياد آهي.

اَنڌيرن ۾ ٻاري اَتم درد جي شمع
اُجالن جي آتِش اجا ياد آهي.

اڪيُن مان وهيو درد آ ڪيڏو ديوي
اُها گرم بارش اَجا ياد آهي.

-٢-

اِظهارُ دردَ جو آهي
پر ڪرڻو ناهي
ڳوڙهن سان!

اُهو ئي ظلم
اُهو ئي بيدادُ
حال وري بہ، اورڻو
ٻوڙن سان!

هيءَ پائماليءَ جي حد ناهي يار
گذرڻو اجا پيو آهي
نوں نوں موڙن تان!

گيتا تہ اُڪلائيندا رهياسين روز،
ليڪن
پڇي ڪين سگهياسين هڪ پيو
ڪوڙن مان!

اِنتظارُ ڪيترو ڪبو اُنهنجو؟
جي ناهن لحظا
گهوڙن تان!

Opp: Nagbai Temple,
Near. T.V. Station,
Gandhigram-Junagadh

ڪويتا/رتن آڏتاڻي

- ا -

درُ ڪڙڪائڻ لاءِ وڌايل هٿ
واپس وري ويتو
ليڪن اندر واريءَ کي اندازو اَچي ويتو
آهٽ جو!
رکجي ويٺا ٽا چِپن جي در تي
چند بيباڪ حرف
ليڪن ٻاهر وارو سمجهي ويو آ
آنسن جي آمد ۽
۽ جوالامکي - جذبات جو!
ٻَئي ساڳي ئي ڪشمڪش جو شڪارُ!
ليڪن بينام!!
گهڙي تہ اُها مختصر هُئي
پر رهجي ويئي ياد - عمر ڀر
ٻنهين لئہ،
نہ هوءَ چئن سا جي سگهي
نہ هيءُ.

۳۸. ڏاڍي روشني آهي چوطرف
اَکين اڳيان اوندهه اَچي وڃي، هر وقت
اَنڌي جي لٺ جي گهڻي وڃايان بڙيا


۳۹. توهان ملي ڪپڙا لاٿا آهن منهنجا
مان نٿي محسوس ڪريان ننگو پاڻ کي
سهني جو ڪيو ههن ڪارو منهن بڙيا

۴۰. پکي تون ڪيڏو ٿو آڪاس ۾ اُڏامين
داڻي پاڻيءَ لاءِ واپس هيٺ اَچين
سدا هلندڙ هن ڌرتيءَ جو لنگر بڙيا

۴۱. چنتا، پيڙا، نه سوچ
رشتن جي اوڳرائي، نه ڏي وٺ جي هڏڪي
سنويدن - هيڻ ماڻهوءَ جو وهنوار بڙيا

۴۲. هوا جي رُخ ۽ پڻ پاڻيءَ جي وهڪ سان هلان
لڳي آگ ڪٿي ته ڪک پن وڃهان
ڏي تاڙي، مان ماڻهو سيني کان بڙيا.

D/64/1018,
P.O. Krishnanagar
Sahijpur Bogha, Ahmedabad - 382346





غزل جي پاسي ۾ ويهي لکيل/پريم پرڪاش

نئڊيون ڪوتائون

٣٢. جن لاءِ سڀ وڃائي مان شريف ٿيس
اُنهن مونکي سلامتيءَ سان هيٺ لاٿو
جسم سڄي تي مٽيءَ جي ٿڌاڻ ٻڙيا

٣٣. ٻڍا آشرم اندر مندر باغيچو، لڳو لڳ مساڻ
روٽي دوائون وندر ڪسرت ۽ چا چا
ٻار چُڪائن ممتا جو ملھ ٻڙيا

٣۴. ڌرتي ورهائي ڪنئي ماڻهن چون
ديوتائن سمورو آڪاش
ٻنهي تي راڪاس جتائين مالڪي ٻڙيا

٣٥. ڪاوڙيل هوا ٻاھ جي ڪَن ۾ ڪجھ چيو
ٻاھ ٻيڻي پاڻيءَ جي ڪن ۾ چئي آئي
سڄي برهمانڊ ۾ ڦهليو هراس ٻڙيا

٣٦. هنن جو مون سان ڪجھ رشتو ئي انوکو
اچن، گلي ملن، ويندي پڙيڪي ڏيئي وڃن
هر زهر سان منهنجو هاضمو ٻڙيا

٣٧. ڏينهن سڄو جسم جون ضرورتون
آتم جون خواهشون پنهنجيون الڳ
اونده ۾ اڪيلائي سان هوءَ کُلي ٻڙيا

ڪوتا/ اِندرا پونا والا ’شبنم‘

اَڇو تہ ....

اَڇو تہ ڊائريءَ جي ورقن تي،
نوان سوال پئدا ڪيون،
ڪي خيال پئدا ڪيون.
اڄ ڪھڙا ستيوادي هريشچندر ڏنا،
سچ لاءِ اُنھن ڪھڙيون سزائون ڀوڳيون،
ڪيترين دروپدين جي سوُ ايمان ڪي ڏکويو.
اسين پانڊو پٽرَ ۽ اُن سڀا ۾ ويٺل .....
سداچاري پنھنجين مجبورين کي پڪڙي،
لاچاريءَ جو تماشو ڪيون ....
هڏن نڪتل مرٽينگ زندگي.
ٻاهران مٺو سٺو .....
اندر گندگي.
پنھنجا پراون کان بہ بدتر ....
افضل خان وانگر ٻاکر ۾ ڀري، ساهہ ڀوسائيندڙ.
ڪل-ڪل جي پنيان ڀيانڪ رودن.
ڇو جيئنجي؟ اهو ڪتيل ڪوڙ پسڻ لاءِ؟
ڊوڙ ئي ڊوڙ .... زبردست ڇڪتاڻ،
وڏي مڇي ننڍيءَ کي ڳرڪائي،
سڀيتا جو اتھاسڪ دؤر چالو آهي.
پلاسٽڪ بيگ ۾ پلاسٽڪ مسڪان،
ڏسي اَڇي ويٺي مڪمل ٿڪان.
تيزابي زندگي گھاريندڙ،
پل پل پاڻ ماريندڙ
ڊائريءَ جي ورقن تي ڀيو ڇا لکجي؟



اِندرا شبنم 'اِندوُ'

پورو نالو : اِندرا ٽيڪچند شهدادپوري
اِندرا پوناوالا شبنم (شاديءَ کانپوءِ)
جنم : ٢٤ نومبر ١٩٥٠
جنم آستان : ڪراچي
تعليم : بي۔اي۔، بي۔ ايڊ۔، ساهتيہ رتن
پيشو : رٽائرڊ اسڪول ماسترياڻي
ڇپيل ڪتاب : سنڌي :

١. شبنمي قطرا (ڪوتائون-١٩٩١)
٢. عبادت (١٠ ڪهاڻيون-١٩٩٩)
٣. سلڪ جو سڪ (آزاد نظم-٢٠٠٠)
٤. جاڳيل ضمير (آزاد نظم - ٢٠٠٦)

هندي ۽ اُردو :

١. عبادت (ڪهاڻيون - ٢٠٠٠، اُردوءَ ۾ ٢٠٠٦)
٢. تصويرين (ڪوتائون - ٢٠٠٢)
٣. سلسلي (ڪوتائون - ٢٠٠٣)
٤. سرگوشيان (غزل - ٢٠٠٣، اُردوءَ ۾ ٢٠٠٤)
٥. دستڪ (ڪوتائون - ٢٠٠٤)
٦. ضمير اَپنا اَپنا (ڪهاڻيون-٢٠٠٨ اُردوءَ ۾ ٢٠٠٨)
٧. ميري پرتينيڌي ڪوتائين - ٢٠٠٨، اُردوءَ ۾)

اِنعام ۽ سنمان : ڇهن سنڌي، پنجن هندي ۽ ٻن اُردو
پستڪن تي، توڙي جدا جدا سنڌي، هندي
سرڪاري توڙي غير سرڪاري سنستائن
طرفان انعام ۽ سنمان.

سرنامو : 9/B, Mayurban Apartments, 1100 Model Colony,
Shivaji Nagar, Pune - 411016

غزل/ اِندرا پونا والا 'شبنم'

-۱-

تنهنجي فرقت ۾ مان سمجهان خدا ويجهو آ،
تنهنجي قربت ۾ بہ جلوو پرينءَ جو هوندو.

آهہ هر جاءِ سندس نوُر تہ خطرو ڇا جو؟
وڃبو دوزخ ۾ تہ پڪ ان جو ئي جلوو هوندو.

ٻار معصوم ۾ ڀڳوان جي مورت تہ چون،
هو جوانيءَ ۽ بزرگيءَ جو بہ چمڪو هوندو.

رس ڦلن منجهہ سندس، سونهن گلن ۾ بہ سندس،
تہ ڪرڙ ڪنڊ ٻبر ۾ ڇا ڪوئي بيو هوندو؟

-۲-

ڪجهہ ان طرح سان سوچي لکان جو نئون لڳي،
۽ اهڙي ڍنگ سان چوان جو نئون لڳي.

سڪ جي تلاش ۾ حياتي تمام ٿي،
هر دک جو ائين بيان ڪيان جو نئون لڳي.

هر سوچ ۾ نواڻ جي ٿي ڪوج ۾ رهان،
غم يا خوشي ڪجهہ اهڙو لهان، جو نئون لڳي.

پاروٿو نطارو ۽ راهون پنيان ڪتيل،
مان اهڙو دڳ ماڳ ڪڍان جو نئون لڳي.

نيڪ آهي

هر انسان روبيٽ وانگر پريل،
هڪ ئي جواب جو ڏيندو آ،
’نيڪ آهيان‘
تون نيڪ، مان نيڪ، هوُ نيڪ، سڀ ڪو نيڪ.
باقي ٻڙٻڙ ڪٿي آهي؟
هيءَ ذهني اٿل پٿل، دماغي روڳ،
هيءَ پيچ ڊاهه ۽ پيچ ڊوڙ،
هڪ هئي ڪي ڪچي ڪائڻ .....
نه نه ٻرڪائڻ جي پاونا -
ماضي منجهيل، حال هيٺ، مستقبل؟؟؟
سڀ نيڪ آهي.
ان اکر ڪان ذهي ڪوفت ٿيندي آهي،
ڪاش! ان اکر ڪان اڳتي، ڪا وارتالاپ وڌي.
’تون نيڪ، مان نيڪ، سڀ نيڪ هڏي‘
گفتگو ۽ جذبن کي فل اسٽاپ اچي وڃي.
اکر لرزڻ لڳندا آهن، محدود دائرو.
اَزغيبي، رسمي، اڌارو ورتل اکر نيڪ (O. K.)
ان کي مذاق سمجهي،
کلجي؟ روئجي؟
لعنت مان ڪڍي يا ڇڏجي؟
’تون نيڪ، مان نيڪ‘
جذبن جي ڪيڻ جون وانون ئي بند،
تون به خوش، مان به خوش،
تو پڇيو ڇنين، مون هڏايو ڇنس.
هر طرف نڳي - جذبن کي اظهارڻ جي،
خير ..... ’سڀ ڪجهه نيڪ آ‘.

دنيا سان پيار منهنجو، اڪرين بيان ڪونهي،
ڏرتيءَ مثال سندر، بيو ڪو جهان ڪونهي.


۱. ماڻهو جتي محبت، هڪ ٻئي سان نت ونڊن ٿا،
ان ڪان وڌيڪ پوتر، ڪو آستان ڪونهي.

۲. زخمن جا گل ٽڙن ٿا، سورن ۾ آ سڳنڌي،
غم جو نشو چڙهي جو، اُن جو بيان ڪونهي.

۳. ڏرتيءَ جي دلنوازي، سڀ مرڪ لڙڪ پيارا،
سک-ڏک جو هڙو سندر، بيو ڪو مقام ڪونهي.

۴. ڪو درد آه مبهم، نس - نس ۾ آ سمايل،
پر درد چلڻ لاءِ ڪو رازدان ڪونهي.

9-B Mayurban Apartments,
1100, Shivaji Nagar,
Model Colony, Pune -411016



- ٣ -

دوستي ڪنهن سان رکڻ ۾ ڊپ ٿئي،
ڪنهن تي ڀروسو ڪرڻ ۾ ڊپ ٿئي.

ڦهلجي زهر فضائن ۾ ويو،
هاڻ خود ساهه کڻڻ ۾ ڊپ ٿئي .

متان خنجر نه ڪو پٺيءَ ۾ هڻي،
ڀاڪي پائي ملڻ ۾ ڊپ ٿئي.

ڪو مرون آهه منش جي من ۾،
نانءُ اِنسان ٻڌڻ ۾ ڊپ ٿئي.

ڏيتي ليتي نه جلائي جيئري،
ڪنهن جي شادي ڏسڻ ۾ ڊپ ٿئي.

دروپدي چير هرڻ دريوڌن،
ستيه کي سات ڏيڻ ۾ ڊپ ٿئي.

عرش ۽ فرش تي گهمسان ۽ گوڙ،
چين سان ننڊ ڪرڻ ۾ ڊپ ٿئي.

ڊرگ ڪئنسر چرا ۽ آتنڪواد،
اهڙي جڳ منجهه رهڻ ۾ ڊپ ٿئي.

پوڻ تي هوُ تپي باه ٿي ويو هو. مرد ڪيتري نندي ڏِل وارا هوندا آهن. سندن ڪيل قربانيون وقت پوڻ سان تمام مهان ۽ وڏيون لڳنديون آهن ۽ استريءَ ڪي قربانيءَ جي پتليءَ جو لقب ڏيئي کيس هرڪنهن حق کان محروم ٿو ڪيو وڃي.

پر جلدي ئي ونود کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿي ويو هو، تنهنڪري دروازو کولي ويو هو ۽ پڇتاءُ سبب هوُ کيس منهن ڏيکاري نہ سگهيو. ونود کيس سچي زندگي ساٿ ڏنو هو. وندنا اهڙو ورتاءُ پهريون دفعو ئي ڏٺو ۽ کيس پڪ هئي تہ هي آخري دفعو بہ آهي. هوءَ اُٿي اندر داخل ٿي. اندر اَچي هن شانت چت سان مٽ مان پاڻيءَ جو گلاس پريو ۽ آهستي آهستي ڍڪ ڍڪ ڪري پيئڻ لڳي. ڪمري ۾ وڃي، دروازو بند ڪري، پلنگ تي ڦان ٿي ڪِري پيئي ۽ گونگا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي.

هوءَ سوچڻ لڳي، ونود 'منهنجو گهر' اکر تي زور ڇو ڏنو؟

هيءُ گهر گهوٽ جو!

پيڪو گهر بہ منهنجو نہ!

۽ ساهرو گهر سَسُ جو!

منهنجو گهر؟ ناريءَ جو ڪهڙو گهر ٿيندو آهي؟

انتر آتما مان آواز آيس، هيءُ تنهنجو پنهنجو گهر آهي ۽ بس.

هن کي گذريل ڳالهيون ياد اَچڻ لڳيون. ياد اَچڻ لڳو کيس سندس پيڪو گهر ۽ گڏو گڏ ڪيترين ئي ماضيءَ جون يادگيريون .....

نندي هوندي کان وٺي کيس پنهنجن پائرن، پاجاين، پائٽن، پائٽئن، اَمڙ ۾ بيحد موہ هو. مئٽرڪ پڙهڻ ڪانپوءِ، هن پڙهڻ سان گڏ نوڪري شروع ڪئي هئي. مهيني جي پهرين تاريخ ماءُ جي هٿ جي تريءَ تي پئسا رکندي چوندي هئي، 'اَمڙ، آهيان نہ مان تنهنجو گلاب پٽ؟' اَمڙ بہ نرڙ تي مِٺي ڏيندي چوندي هيس، 'ها منهنجا گُلو پٽ.'



كهاڻي / اِندرا پوناوالا ’شبنم‘

گهر

’منحوس! تو منهنجي زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي، نڪر منهنجي گهر مان.‘ ونود زور سان چلائيندي چيو ۽ وندنا کي ٻاهر ڌِڪا ڏيڻ لڳو. هن کي دروازي مان ٻاهر ڪڍي دروازو بند ڪري ڇڏيائين.

وندنا در جي ٻاهران ويٺي ئي رهي. هن جا حوصلا ئي خطا ٿي ويا. ڏڪندڙ شرير، زبان خاموش، پيلو چهرو، آنسن سان ڀريل، ڏنڊليل اکڙين سان، هن دروازي جي Name plate ڏٺي. سندس نالي واري ’نيم پليٽ‘ ’شريمتي وندنا.‘

ٻار ٻئي ڪاليج ۾ پڙهندڙ هئا. هن وقت هو، ڪاليج جي پڪنڪ لاءِ ٻن-ٽئن ڏينهن لاءِ شهر کان ٻاهر ويل هئا. هوءَ پنهنجي گهر جي ٻاهران ويٺي رهي. سندس ڪنن ۾ ونود جا چيل اکر ٻرڻ لڳا، ’نڪري وڃ منهنجي گهر مان‘ هن جو شرير ٿر ٿر ڪنبي رهيو هو. ’منهنجو گهر‘ يعني هي مِسٽر ونود جو گهر آهي. منهنجي گهوٽ جو گهر؟ پرش جو گهر ۽ اِستريءَ جو گهر ڪهڙو آهي؟

هوءَ پنهنجي گهر جي چائنٺ ٻاهران ويٺي ئي رهي. ڪجهه عرصي کانپوءِ گهر جو دروازو کُليو ۽ کُليل ئي رهيو.

هوءَ سمجهي ويئي تہ ونود کيس گهر کان ٻاهر ڪڍڻ نہ پيو چاهي. هن جو گهٽن سالن جو ڊهيل غصو ٻاهر نڪري آيو هو جو هُن زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪڍيو هو، سو بہ خسيس ڳالهہ تان ڀاڄيءَ ۾ وڌيڪ لوڻ

ڇوڪرين کي هڪ ٻاڄي، مانيءَ چانور. امڙ جو وشواس هو تہ هو سندس نيون پُٽ آهي. هوءَ پُٽ جي زندگي جيئندي رهي.

اَڄ رات بخار ۾ تپندي، الائي ڇو اَمڙ وندنا کي ڀاڪر پائيندي چيو، 'وندنا، گُلو پُٽ تون پرائي اَمانت آهين. پنهنجو گهر وساءِ.' وندنا ڇرڪي چيو، 'هيءَ منهنجو گهر ڪونهي؟' اَمڙ بخار جي غشي ۾ هئي، 'مان اَلائي گهڻن ڏينهن جي مهمان، پنهنجو گهر وساءِ. تون منهنجو سهڻو پٽ، سمجهو پُٽ آهين' چوندي چوندي سندس اک لڳي ويئي. پر هُن جي اک کُلي ويئي. اَمڙ جا اِهي اکر هُن کي ڌوڏي ويا. ٢٥ سال پنهنجو رت ست سُڪائي، تن من ڌن سان، ڏينهن رات هن گهر جي لاءِ ئي سوچيو هو. امڙ جي هڪ سِٽ هن جي پيرن هيٺان زمين گسڪائي ورتي. هُن اُٿي ڪري گهر جي ڀتين ڇتين کي ڇهيو .... پنهنجيون؟ پرايون؟ منهنجيون؟ ڪنهنجيون؟ ۽ آخر ٿڪجي پلنگ تي موٽي آئي. امڙ کي ڀاڪر پائي، ڇنبڙي سمهي پيئي.

ونود ٽن چئن سالن کان سندس 'ها' جو انتظار پيو ڪري. هوُ کيس بيحد چاهيندو هو. ڪاليج جي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ ساڻس واقفيت ٿي هئس. هن جڳهہ ۾ لڏي اَچڻ کان اَڳ هوُ سندس پاڙيوارو هو. سندس گهر جي بلڪل سامهون رهندڙ. ملاقاتون ڪندي ڪندي اِهي ملاقاتون پيار ۾ تبديل ٿي ويون ۽ ونود هُن کي شاديءَ جي آڇ ڪئي. وندنا کيس هر وقت ائين چوندي رهي، 'پيار تائين سڀ ٺيڪ آهي، پر شادي تہ هوءَ هرگز نہ ڪندي. هُن جي مٿان گهر جي جوابداري آهي ۽ هوءَ پنهنجي گهر جو پُٽ آهي.'

اَڄ اَمان مونکي چا چيو، 'پنهنجو گهر وساءِ.' جيئن، گوتم ٻڌ جي جيون ۾ هڪ رات آئي تياڳ ۽ وئراڳ جي، ساڳيءَ طرح وندنا جي جيون ۾ اُها هڪ رات آئي، تياڳ ۽ وئراڳ جي ۽ اُن رات هُن هڪ فيصلو ڪيو.

وندنا جو چهرو ٻهڪي اُٿندو هو. هُن جي ڪم ڪرڻ جي همت ۽ اُتساهه ٻيڻو ٿي ويندو هو. هوءَ پنهنجي گهر ۾ پورهيتا آڻڻ لاءِ سهڻا ڪوپ بسيون، چادرون، ڪبٽ، صوفا سيٽ، ريڊيو، پلنگ، پائڻ پاٽين لاءِ سنا سهڻا ڪپڙا واجبي اگهه تي وٺي، فخر سان پاڻ پاڇاين کي چوندي هئي، ’وندنا جي راڄ ۾ رهو سڀ خوش.‘ قسطن تي خريد ڪيل شين لاءِ هوءَ ٽيوشنس ڏيڻ لڳي ۽ ٻيا ٻه گهٽائي ڪم جنهن سان هوءَ ڪجهه پئسا ناهي پنهنجي گهر جي پاتين کي خوش رکي سگهي. محنت ڪرڻ لاءِ هُن کي چڻ ته اَن هٿ ۽ چوويهن ڪلاڪن ڪان وڌيڪ ڪلاڪ هئا. پائر محنت ته گهٽي ڪندا هئا، پر گهر ۾ ڪائڻ وارا گهڻا وات هئا، سو پورت نه پوندي هئي.

ماءُ هن کي نرڙ تي مِٺي ڏيندي چوندي هئي، ’هوبهو منهنجو گُلاب، منهنجو ٽيون ننڍو پُٽ. اُهو جڏهن گذاري ويو، چاليهو رکي ڏينهن رات دعائون پنڻ ڪانپوءَ درياهه شاهه دادلي، منهنجيءَ جهوليءَ ۾ توکي ڏنو.‘

وندنا کي چٽيءَ طرح پنهنجو ننڍپڻ ياد هو. جمڻ سان ئي اَمڙ گلاب جا رکيل چوڪراڻا ڪپڙا ڪيس پائڻ شروع ڪيا. هن جيڪو پهريون چوڪرين جو فراڪ پاتو، اُهو هو سندس اسڪول جو يونيفارم.

اَمڙ کي پڪو وشواس هو ته هيءُ سندس پُٽ گلاب آهي جو ڏيءُ جو جنم وٺي آيو آهي. جنهن سائيءَ جي بيماريءَ ۾ گلاب گُذاري ويو هو، ساڳي بيماري ڪٽي ۽ ساڳيو ئي رنگ روپ روش ڪٽي هوءَ جائي. اَمڙ نالو ئي رکيس گُلاب. ٻن وڏن پائرن سان چوڪراڻا ڪپڙا پائي هوءَ چوڪرن جون رانديون ئي ڪندي رهي. اِني ڏکر، چڏن جون رانديون، لڪ چپ راند، هُن کي ننڍي هوندي ڪاڏو به چوڪراڻو ۽ وڏي هوندي تائين مرداڻو ملندو رهيو. ٻه پاڇيون، ڏهي، چانور، مانيون، پاپڙ ۽ ڪتائڻ ۽ سڀ ڪجهه ۽ پاڻي ٻه هٿ ۾. باقي ٻچيل گهر جي زالن ۽

اُڀرڻ لڳا. دل جو ڌڙڪڻ، شرم، ڇوهه، چاهه، پنهنجائپ، پيار ۽ شرڌا اُن گهر لاءِ جتي سندس پيار، سندس گهوٽ تمام گهڻيءَ سڪ مان ڪيس وٺي وڃي رهيو هو. هن کي ٿورو ڊپ به لڳي رهيو هو.

ٺڪ ٺڪ ڪرڻ سان دروازو کليو. ڪم ڪرڻ واري مائي دروازو کولي وندنا ۽ ونود کي هڪ ڪمري ۾ وهاريو ۽ چيو، 'اندر اطلاع ڪري ٿي اَچان.' وندنا محسوس ڪيو ته ونود جو چهرو زرد ٿي رهيو هو. هو ڪجهه ڪنبي به رهيو هو. ڪجهه سيڪنڊن ۾ مائي ٻاهر آئي ۽ کين اندرين ڪمري ۾ وٺي ويئي.

اندرين ڪمري ۾ وندنا جي سَسُ ۽ سهرو ويٺا هئا. ونود چيو، 'بابا، هيءَ توهانجي نونهن آهي. مون توهانکي هُن جي باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو هو.' وندنا پيرين پوڻ لاءِ اڳتي وڌي. سَسُ اِشاري سان منع ڪيس. هوءَ بيٺي ئي رهي. ونود کيس هڪ صوفا تي وهاريو ۽ چيو، 'مان پاڻي پي ٿو اَچان.'

ونود اڃان ڪمري کان ٻاهر نڪتو ئي مس ته هيٺي جٺا، سندس سَسُ ۽ سهرو اڪرن روپي ٻاهه جا اُلا وسائڻ لڳا. اِلزامن پٺيان اِلزام. هوُ ڪيس ڏوهه ڏيڻ لڳا. پيڪن لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳا. هوءَ اڪيلي چپ چاپ سَسُ سهري جون دٻون ۽ دڙڪا سهڻ لڳي.

سسٽس ڏنهيندي چيس، 'نڪر منهنجي گهر مان، هيءُ گهر منهنجي نالي تي آهي. تون ونود سان شادي ڪري هيءَ حويلي هٿ ڪرڻ ٿي چاهين. هت اَچڻ جي تنهنجي همت ڪيئن ٿي؟ هيءُ منهنجو گهر آهي ۽ صرف منهنجو ئي.'

هوءَ جڻ ته برف ٿي پيئي. بار بار دروازي طرف نهارڻ لڳي. ونود اَچي ته مائٽن کي سمجهائي. ڪنڌ هيٺ ڪري چپ چاپ تکن زهريلن تيرن جا گهاوَ هوءَ سهندي رهي. در تي آهٽ ٿي، هن نهاريو،

ٽن ڇئن مهينن ۾ ئي اُن رات جي فيصلي، عملي جامو پاتو. هُن ونود کي شاديءَ لاءِ پنهنجي رضامندي ڏني. ٻنهي پنهنجن دوستن جي مدد سان ڪورٽ ۾ شادي ڪئي. شادي ڪري پنهنجي گهوٽ سان هوءَ پنهنجي اَمڙ سان گڏجڻ آئي. گهر جا ڀاتي ڀيرين چڙڪي ويا، ڪين وشواس ئي نہ پيو اَچي. پوءِ تمام ناراض ٿيا ۽ آهستي آهستي شانت بہ ٿيندا ويا. ڪلاڪ ڪن ۾ مڙيئي سڀ حالتون ٺيڪ ٿيون. پڇاڙيءَ جو موڪلائڻ وقت هُن پنهنجي ماءُ کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو، ’اَمان، تون منهنجي گُرو آهين، جنهن مونکي هن حقيقت کان واقف ڪيو تہ تنهنجي پُٽ جي آتما ڪٽي مون ڏيءُ جو جنم ورتو آهي. اِها حقيقت، مان دل سان سويڪاريان ٿي ۽ اڄ مان پنهنجي گهر وڃي رهي آهيان. گهر جي ڀاتين جون اکيون آليون هيون، اَمڙ سڏڪا ڀري روئي رهي هئي. اُن نظاري جو ۽ اُن ودائيءَ جو چشم ديد گواهہ هو ونود. هُن اَمڙ سان واعدو ڪيو تہ هوُ سندس ڌيءُ کي اکين تي رکندو ۽ ڪيس ڪنهن بہ شڪايت جو موقعو نہ ڏيندو. جلدي ئي روانا ٿيا. ونود پنهنجي جاتل سڃاتل گهر ڏانهن ۽ وندنا آنند مانڊ ۽ دل جي ڌڪ ڌڪ ڪٽي اڻ جاتل گهر ڏانهن.

ڪجهہ ئي منٽن ڪانپوءِ هو هڪ وڏي شاهي حويليءَ اڳيان پهتا، جتي وندنا جا سَسُ سهرو رهندا هئا. ونود پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو ۽ سڪيلڌو لاڏلو پُٽ هو. هن زندگيءَ ۾ جيڪو بہ چاهيو اُهو حاصل ڪيو هو. هن وندنا کي پڪ ڏني تہ سندس ماءُ پيءُ ضرور ٿورو چڙڪندا يا ٿوري ڪٽ پٽ ڪندا، پر پنهنجي پياري سڪيلڌي پٽ جي خاطر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

وندنا اُتساهہ، اُمنگ، آنند-مانڊ، انسنا ڪندي ونود جي گهر جي چائنٺ تي قدم رکيو. نئين نويلي ڪنوار جا سڀ جذبا هن جي من ۾

سان رستن کي ڏسندي رهي. اسڪوٽر اُچي هڪ هوٽل جي در تي بيٺو. وندنا کان ڇرڪ نڪري ويو. هن شڪايتي نظرن سان پنهنجي گهوٽ ڏانهن نهاريو ۽ ونود لڄ وچان ڪنڌ ڦيرائي ڇڏيو.

هوٽل واري سان ڪجهه ڳالهائي ونود ٻاهر نڪري آيو. ڏاڪڻ چڙهي هو ٻئي هڪ ڪمري جي ٻاهران اَچي بيٺا ۽ هڪ ڇوڪري ڪلف ڪوليو. بتي ٻاري. وندنا ڪمري ۾ رکيل پلنگ کي ڏسي حقارت ۾ ڀرجي ويئي. اُن رات ٻئي الڳ الڳ پلنگن تي ليٽيا. هن کي ليٽڻ ئي ڇئجي. سڄي رات وندنا کي هن اجنبي هوٽل جي ڪمري ۾ ننڊ نه آئي ۽ ونود به ننڊ نه ڪئي.

ٻئي ڏينهن کان هوءَ نوڪريءَ تي به وڃڻ لڳي. هوٽل واري اهو ڪمرو ڪين مهيني جي مسواڙ تي ڏنو ۽ اُن هوٽل جي ويجهو، هُن هوٽل واري جو گهر به هو. سندس زال هڪ عورت جي جذبات کي سمجهيو ۽ ڪيس رڌڻ پچائڻ جي به اِجازت ڏني ۽ وندنا سان حال پائي به ٿي. وندنا کي ٿورو آٿت مليو. هنن ڪين هوٽل جي ڪمري کي به گهر بڻائڻ ۾ ساٿ ڏنو. هن هڪ ڪچن ٽيبل خريد ڪيو. بازار مان چانهه لاءِ ڪوپ بسيون، باسڻ، ننڍڙا ننڍڙا ديڳڙا، ٻه ٽي ٿالهيون، وٽيون، چمچا، ڪيويون، ڪرپيون، چادرون، وهاڻن جون ڇئون، ٽوال، نئپڪنس .... وغيره خريد ڪري ۽ سجائڻ ۾ هوءَ لين ٿي ويئي.

هن پنهنجن پيڪن ۽ ساهيڙين کي ڪجهه ڪونه ٻڌايو. هوءَ اُنهن سان گڏجڻ به نه ويئي ! ڇا ٻڌائي؟ پنهنجي گهوٽ جي گهٽتائي ڪيئن ڪري؟

ونود پنهنجن مائٽن سان گڏجي ايندو هو. روئڻهارڪي شڪل ڪري ايندو هو. هنن ڪيس ڇيو پائيءَ جي به مدد نه ڪنداسين. ونود، وندنا جي ڪلهي تي سرُ رکي روئي رهيو هو. هو مرنکي پائي به نه ڏيندا .... وندنا دلاسو ڏيندي چيس، ’مان ته نوڪريءَ تي آهيان. تون خيال نه ڪر مان ٻاڻ ئي سموري جوابداري سنڀاليندس.‘

ونود نہ هو پر ٻہ چار مرد هئا جي اندر آيا ۽ وندنا کي خونخوار نظرن سان نهارڻ لڳا. ان وقت ونود بہ اندر داخل ٿيو، هن کي ڏسي وندنا کي آٿت آيو ۽ نماڻي آواز سان کيس چيائين، 'هي چون ٿا، هي تنهنجو گهر ڪونهي، ٻاهر نڪر.' ونود پپل جي پن وانگر ٿڙ ٿڙ ڪنبي رهيو هو.

وندنا پڙهيل لکيل، پنهنجي پيرن تي بيٺل، خوددار ۽ غيرتمند جذباتي استري هئي، هن جي اُها حالت هئي، تہ ڌرتي ماتا ڦاٽي ۽ سيتا وانگر کيس پاڻ ۾ سمائي ڇڏي.

ونود ۽ ٻيا سڀ ٻئي ڪمري ۾ هليا ويا، وندنا ان ڪمري ۾ اڪيلي ئي ويٺي رهي. زور-زور سان رڙين واڪن ۽ جهڳڙن جا آواز اَچي رهيا هئا. هو سڀ پاڻ ۾ ٻِٽ ۽ ونود اڪيلو هو ۽ وچ ۾ پوليس پوليس جا آواز بہ اَچي رهيا هئا. آخر اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ونود هڪ ننڍو بنڊل نوٽن جو هٿ ۾ کڻي ٻاهر آيو. وندنا جي ٻانهن پڪڙي اُٿاريندي چيو، 'هل وندنا، هن وقت مون سان ٻاهر هل جيستائين ڳالهيون ٿڏيون ٿين.'

هوءِ چپ چاپ پنهنجي سپنن جي ڏٺل گهر مان بي آبرو ٿي ٻاهر نڪتي. چانئٺ اورانگهڻ سان هن محسوس ڪيو، 'هيءُ منهنجو گهر هرگز ٿي نٿو سگهي. منهنجو گهر؟ .....'

'وندنا هل، مان توکي تنهنجي پيڪي گهر ۾ واپس ڇڏي اَچان. ڏيري ڏيري مان پنهنجن مائٽن کي سمجهائيندس.'

'نہ' وندنا محڪم آواز ۾ چيو، 'مان وري پنهنجي پيڪي در نہ وينديس.' 'چڱو هل، ڪجهہ ڏينهن ٻيو ڪوئي بندوبست ٿا ڪريون، جيستائين ڳالهيون ٿڏيون ٿين. وندنا ونود جي گهر تي هڪ الوداعي جي نظر وڌي ۽ من ئي من ۾ هڪ فيصلو ڪيو.

ونود کيس اسڪوٽر جي پٺيان وهاريو. هوءِ خاموش خالي خالي نظرن

آذار ۽ پيار سهاري هن هيتري عمر ڪاٽي، اُهو هڪ حادثي ۾ چالاڪ ڪري ويو. اُن صدمي وندنا کي پڇي پوري ڇڏيو.

ڪيس گهڻو وقت لڳو اُن صدمي کي ٻاهر نڪرڻ ۾.

پٽ جي پيار جي شادي، ڏوم ڌام سان ٿي. ڇوڪري وڏي گهر مان آيل، تمام سندر سڊول هئي. ڏيري ڏيري گهر ٻارن جي طوطلي آوازن سان پرجي ويو. وندنا بيحد خوش هئي پوٽي-پوٽيءَ سان. اُنهن کي آڪاٽيون ٻڌائيندي، لولي ڏيندي، پيار ڪندي هوءَ پاڻ کي پورڻتا سان پريل محسوس ڪندي هئي .....

نونهن اَلائي ڇو ٿوري ڪٽ پٽ ڪرڻ لڳي هئي. ٻارن مٿان، پاڻ تي، گهر تي، ڪم واريءَ مائيءَ تي، چڙ-چڙ خاص ڪري نندي فليٽ هئڻ جو احساس هن کي خوب ٿيندو هو.

وندنا آهستي پنهنجا ساهه سان سانديل ڪتاب ٻه ڇتيءَ تي پهچايا، پوءِ ستار، هارمونيم، سڀ شيون هُن ٻه ڇتيءَ تي رکايون. پنهنجو ڪٻٽ ٻه خالي ڪري ٻارن جا ڪپڙا، رانديڪا رکيا ۽ ڪپڙا هڪ بئگ ۾ پريا .... هوءَ پنهنجيون ضرورتون ٻه گهٽائيندي وئي. جيترو ٿي سگهيس، هوءَ نونهن کي خوش رکڻ پيئي چاهي. ڏيٺس جو پيڪن ۾ اَچڻ سان ته گهر اَچان وڌيڪ سوڙهو ٿي ويندو هو. ٻاراڻو گهر سڄو شين سان سٿيو پيو هوندو هو.

وندنا کي هر حال ۾ خوشي محسوس ٿيندي هئي. شورغل ۾ ٻه هوءَ خوش هئي.

هوءَ پنهنجي ماضيءَ جي يادگيرين ۾ ئي پوري هئي، پُٽ جو زور سان سڏ ٻُڌي هوءَ زمان حال ۾ موٽي آئي.

اَڄ پُٽ گهر ۾ جلدي آيو. ماءُ سان حال-اَحوال اورڻ وينو، آفيس جو ڪم، پگهار جو وڌڻ وغيره .... وغيره .... پوءِ پيار ۽ لاڏ مان امڙ کي

جنهن عمر ۾ چوڙٺو-ماڻٺو سينگار ڪرٺو هو، اُن عمر ۾ وندنا ڪنجوس بڻجي پيئي. ونود نوڪريءَ جي ڳولها ڪرڻ لڳو. وندنا پئسا جوڙڻ لڳي ڄڻ ته ڪو گهر مسواڙ تي وٺي ڏنگ سان رهون، ڪيستائين ساهيڙين ۽ پيڪن سان نه گڏجندي؟ ڪيستائين سڀ ڪجهه لڪائيندي رهندي؟ سندس دماغ ۾ ئي جنون هو ته جيستائين پنهنجو خريد ڪيل گهر نه هوندس، تيستائين هوءَ ٻارن کي هن دنيا ۾ نه آڻيندي. وندنا جي اِن محڪم اِرادي ۽ پرتگيا ۾ ونود به ڪيس پورو ساٿ ڏنو. ڪجهه مهنن ڪانپوءِ هنن هڪ گهر مسواڙ تي ورتو ۽ شاديءَ جي پنجن سالن تائين ايترا پئسا جوڙيا، جو قرض وٺڻ ڪانپوءِ هو هڪ ٻن بيڊرومن، هال ۽ رنڌڻي وارو فليٽ وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

وندنا کي بلڪل پڪ ٿي ته 'هيءُ منهنجو، پنهنجو گهر آهي' ۽ پوءِ پهرين سال ننڍڙي گُڏي سندن زندگيءَ ۾ آئي ۽ ٻئي سال پُٽ. وندنا ٽي سال نوڪريءَ تان موڪل وٺي، پنهنجي ٻارن جي پرورش تي ڌيان ڏنو.

وندنا جا ڪروڙپتي حويليءَ وارا ساهرا، ونود تان پيا ٻلهار ويندا هئا. هنن ڪيس هاڻ دڪان تي وهڻ جي اِجازت به ڏني هئي ۽ ماهوار ڪجهه پئسا به ڏيڻ شروع ڪيا هئا. پر اَڃان تائين هنن ٻنهي کي ڌار ڪرڻ جي سازشن ۾ مشغول هئا. آسمان وارو هيءُ کيل چپ-چاپ ڏسي رهيو هو.

وقت گذرندو رهيو. گهڙيال جي سُئي ڇُرندي رهي، هلندي رهي.

ٻار اَڄ ننڍا، سڀاڻي وڏا ٿيندا رهيا. ڌيءُ جي شادي سُٺي پڙهيل لکيل، خانداني گهر ۾ ٿي ويئي، وڏي ڳالهه ته هوءَ پنهنجي پتيءَ، گهر، ٻارن سوڌي بيحد خوش هئي.

گهڻنا ته ڪو وقت ويل ڏسي ڪانه ايندي آهي. ونود جنهن جي

جي هلڪي سڳنڌ واتاورڻ ۾ ڦهلجي ويئي. هڪ مڌر، پوتر، سڳنڌ پريو ماحول ٿي ويو. اَمڙ آرتي ڪئي. آرتي ۽ جل جو ڇنڊو گهر جي هر ڪمري ۾ وڌو.

نونهن، پوٽن، پٽ، سڀني آرتيءَ تان هٿ گهمائي ڇهري تي گهمايو. گهر جو واتاورڻ پوتر ٿي ويو.

پٽ ماءُ جي پنيان پنيان هلندو، ماءُ جي اڳيان اَچي ويٺو، ’ڇئہ اَمڙ کهڙي وچين وات آهي؟‘

ماءُ پٽ جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو، ’ڏس، پٽ، اَسين سڀ هڪ ٻئي کي بيحد پيار ڪندا آهيون. نونهن بہ غلط نہ آهي. وڏي گهر جي ڪيس عادت آهي، اڳتي هلي ٻار وڏا ٿيندا تہ برابر وڏي گهر جي ضرورت بہ ٿيندي، پوءِ نيڪ آهي. جيئن تون چئين! مان تہ ائين ٿي چاهيان، هيءُ گهر بہ رهي، هو بنگلو بہ.‘

’تہ اَمڙ ڪڏ ٻئي فرنيچر، پيو ٺهندو. هاڻ ٻيو ڇا؟‘

’پٽ، مونکي تہ جڏهن سک لڳندي تو وٽ اَچي رهنديس. توهين بہ وچ وچ ۾ اَچي مون وٽ رهي وڃجو. بدل سدل ۾ مزو بہ ايندو رهندو.‘ ٻنهي ماءُ پٽ هڪ ٻئي کي وڏو ڀاڪر پاتو.

مهني ڪن ۾ پٽ ٻارن سوڌو بنگلي ۾ وڃي رهيو ۽ هوءَ پنهنجي گهر ۾. ڪڏهن هوءُ ٻارن سوڌا هُن وٽ رهندا هئا تہ ڪڏهن هوءَ ٻارن وٽ بہ چار ڏينهن رهي ايندي هئي ۽ گڏ هئڻ جو احساس بہ ماڻيندا رهيا.

وندنا واندڪائيءَ ۾ پنهنجو پاڻ ۾ پيهي پاڻ سان ئي گفتگو ڪرڻ لڳي .... پنهنجي گهر جو هئڻ، پنهنجائپ ۽ پيار سان گڏ هڪ سمجهداريءَ جو احساس آهي. اَلائي ڇو ۽ ڪيئن نندي هوندي کان ڪجهہ تلخ آزمودن هُن کي ڪن غلط پاونائن ۾ قيد ڪري ڇڏيو هو. اڄ قدرت ۽ قادر، پنهنجي ٻارن جي وشال من، اُدارتا جو مثال ڏيئي،

پاڪر ۾ پريندي چيائين، ’اَمڙ، هڪ خوشخبري ٻڌ. مونکي اضافو (Promotion) مليو آهي. هڪ سُنو بنگلو وڪامجي رهيو آهي، جنهن کي خريد ڪرڻ لاءِ اڌ پئسا ڪمپني پريندي ۽ اڌ منهنجو سهرو. هيءُ فلئٽ وڪڻي، هن وڏي بنگلي لاءِ فرنيچر خريد ڪنداسين ۽ رنگ روغن لڳائينداسين. پوءِ اَمڙ، سياڻي ايجنٽ کي چئي ٿو ڇڏيان، فلئٽ کي وڪڻڻ لاءِ. هلا راڻي ٿي وڏي بنگلي ۾ رهه. راڄ ڪر.‘

’پٽ! ترس ۽ ٻڌ. هيءُ گهر آهي منهنجو پنهنجو گهر. شايد تون ان ڳالهه يا جذبي کي نه سمجهي سگهندين. ٻڌ تنهنجي ترقي ٿي آهي. توهان سڀ وڏي بنگلي ۾ رهڻ ٿا چاهيو، منهنجيون اکيون ٺريون. پر پٽ مان هر حال ۾ هتي خوش آهيان. مون لاءِ هيءُ صرف فلئٽ نه، پر هڪ گهر آهي. مان هتي ئي رهنديس ۽ اهو منهنجو آخرين فيصلو آهي جو نه بدلجندو‘ ۽ هوءَ پاسو ورائي چپ چاپ ليٽي پيئي. سندس انتر آتما شانت هئي ۽ اڌول به هئي.

هن پاڻ کي ستار وڄائيندي، هارمونيم جا سُر ڇيڙيندي، ڪتاب ۽ ڪوتائون لکندي ۽ پينٽنگ ۾ مشغول ٿيندي ڏٺو ۽ ترپتيءَ سان پريل به.....

پرڀات جي ويل سندس اک کُلي. هن نت نيم موجب، پرڻاياما يوگا ڌيان ڪيو. سڀني ڪريائن کان فارغ ٿي، هوءَ پوڄا ڪرڻ لاءِ مندر جي اڳيان ويٺي ۽ اُن وقت ئي سندس پٽڙو اَچي اڳيان ويٺو. ’امڙ، ڪجهه چوڻو اٿم.‘ ’چئه پٽ!‘ هن پابوه مان چيو ۽ اَگربتي ٻاري. ’اَمڙ، رات تو منهنجيون اکيون کوليون. اَمان تو سچ چيو، هيءُ صرف فلئٽ نه آهي، هيءُ هڪ گهر آهي. چئه اَمان هيءُ گهر به رهي ۽ هوُ بنگلو به رهي ۽ پاڻ ۾ گڏ رهڻ جو احساس به رهي، آهي ڪا وچين واٽ؟‘

’ها پُٽ، وچين واٽ به ضرور نڪرندي، پوڄا ته ڪري وٺون. هن آرتيءَ جو ڏيئو ٻاريو، گل، چندن پڳوان تي چاڙهيا، ڌوپ ٻاريو، ڪافور

ڪهاڻي / اِندرا واسواڻي



زندگي، اِجھو اِئين آهي

’اَڙي ٻاٽڙ وڙهو ڇو ٿا؟ ننڊ مان اُٿڻ سان ئي ويڙهه شروع!‘ ڪموءَ جو ڏينهن اِجهو ائين شروع ٿيندو آهي. گهر ۾ ڄڻا چار. رتن، ڪموءَ ٻه ٻار نيرا ۽ نريش. نيرا، نريش کان ٻه سال وڏي آهي. پر جيترو نريش ڏنگو آهي هيءَ اُن جي ٻه اُستاد آهي. شل نه ممي پپا هيڏانهن هوڏانهن ٿين. نريش کي چِڙا ڏيندي، ٺونشو لڪائي ڪندس. نريش ڇو گهٽ پوي؟ اَهڙا زور سان وار پٽيندو اَٿس جو ڪاڪڙو ٿاڙي، رڙيون ڪري گهر مٿي تي کڻندي آهي. اَلائي ڪهڙي دائيءَ ڪاڪڙو ڪنيو هئس!

۽ ڪموا ’اَڙي اِتني رڙي ڪيون مارتي هوا ميرا تو رتُ پي جاتي هو رتُ! اَڙي اِسڪول ڪو دير هو جائيگي تو مِس ڪي موچڙي پڙينگي.‘

’ميري مِس موچڙي نهين ديتي هئه.‘ ۽ نريش جي اکين ۾ لُچائي ڀرجي ايندي آهي. ڀيڻ ڏي نِهاري آڱر کڻي چوندو ’اِس ڪي مِس ئي موچڙي ديتي هئه.‘

’وڃو بابا وڃو، وڃي تيار ٿيو. نيرا تون سنان ڪري اَچ ته پوءِ مان هن کي تيار ڪيان.‘

پر ڏنگو نريش جلدي ٽوال کڻي سنان جاءِ ۾ ڀڄندو ويو، ۽ اَندران در بند ڪري ڇڏيائين.

ڪموءَ جلدي وڃي سنان جاءِ جو در کڙڪايو. نريش شاور چالو ڪري

گھڻو ڪجھ ھن جي سامھون سوچڻ لاءِ پيش ڪيو. ھوءَ پنھنجو پاڻ کي تلاش لڳي. پيڪي گھر ۾ ھڪ آزمودو مليو ھو جو سندس جذباتي دل لاءِ تلخ ھو پر ھڪ حقيقت ھئي ۽ اُھو قدرت جو ھڪ نيم ھو. جنھن گھر ۾ ھوءَ شادي ڪري ويئي، خاص ڪري پريم وِواھ. ضروري نہ ھو تہ ٻئي ٻانھون ڦھلائي سندس سواگت ڪن ھا! سندس پُٽ جيڪا رِٽ رکي ھئي تہ ننڍي جڳھ مان وڏي گھر ۾ وڃي رھجي، جيڪڏھن سھوليت سان سڀ ڪجھ ٿي سگھي ٿو تہ ڪليل من سان سويڪارڻ ۾ ڪا وڏي ڳالھ ڪونہ ھئي. ھن پنھنجي پُٽ اڳيان اھو سڀ ڪجھ سويڪاريو پر ڀڏتر سان.

ھن 'گھر' اکر سان ايترو موہ؟ گھر معنيٰ چار ڀتيون، ھڪ ڇت نہ آھي، اُن کان گھڻو گھڻو وڌيڪ ھڪ احساس آھي، پنھنجائپ ۽ پيار جو.

شرير بہ تہ ھڪ گھر آھي جو ھڪ وقت ڇڏي اصلي گھر وڃڻو آھي! آتما جو پرماتما سان ملڻ. 'اصلي گھر' جنھن جي ھن کي ننڍي ھوندي کان تلاش ھئي ....

ھن جو من ھلڪو ٿي ويو. ھن پاڻ کي ساڪشي ڀاوَ ۾ ويچار ڪندي ڏٺو. پنھنجن ڪيترن ئي سوالن جا جواب، پنھنجي انتر آتما مان ھن کي ملندا ويا. ھن جو تپيل من گيان ۽ پيار ئي پيار پائي شانت ٿي ويو. پل ۾ ھن پاڻ کي لامحدود محسوس ڪيو. سندس چھرو تيج، آتمڪ نوُر، شانتيءَ ۽ سنتوش سان ڀھڪڻ لڳو.

9-B Mayurban Apartments,
1100, Shivaji Nagar,
Model Colony,
Pune -411016

اَڳي گڏيل ڪٽنب هوندا هئا تہ گهر جون وڏڙيون سوير اُٿنديون هيون ۽ ڪم کي لڳنديون هيون. گهر جي ڪهڙيءَ نونهن نيرن ٺاهي، ڪنهن ٻارن کي تيار ڪري اِسڪول موڪليو خبر ئي ڪونہ پوندي هئي. اَڄ وقت بدلجي ويو آهي. گڏيل ڪٽنبن ۾ ڪير بہ رهڻ نٿو چاهي، هرڪنهن کي آزادي گهرجي. سيڪو ڏار پار. اِن ڪري ڪٽنب ننڍا. ٻار بہ هِڪُ يا وڌ ۾ وڌ ٻہ، تڏهن بہ ڪم اَڳي کان وڌيل.

ٻار اِسڪول مان موٽندا تہ ماني ڪارائي ڪموُ کين اَڌ ڪلاڪ لاءِ سُمهاري ڇڏيندي آهي. پاڻ بہ پاسي ۾ ليٽي پوندي اَٿن. آلارام ڏينهن جو بہ وڄندو آهي. متان اَک لڳي وڃي ۽ ٻارن کي ٽيوشن تي دير ٿي وڃي. ڪموءَ تہ ٽيوشن جي ٽيچر کي سوَ روپيہ وڌيڪ ڏيئي ٻارن کي هوم ورڪ ڪرائڻ لاءِ چئي ڇڏيو آهي. ڪيس ايترو وقت ئي ڪٿي ملندو آهي جو ٻارن کي پڙهائي. رتن صبح جو ويندو تہ رات جو موٽندو. آفيس مان سڌو دوستن سان، ڪڏهن ڪلب تہ ڪڏهن فلم ڏسڻ. ٽيوشن ڪانسواءِ ٻار پڙهن ڪونہ. ٽيوشن ڪانسواءِ ٽيچرس پڙهائين ڪونہ. توبه زالن جي مني زندگي تہ وڃي گهر ٻارن ۽ پتيءَ جي حوالي. جي ساهرا گڏ آهن تہ ويه سيڪڙو اُنهن جي حوالي، باقي پنجن سيڪڙن ۾ پاڻ.

پر اَڄ اُهو زمانو ڪونهي، ڪموُ بہ زندگيءَ کي سمجهي ويئي آهي.

تيسين ڪم واري مائي ڪِمي اَچي پهچندي. ڪڏهن ڪموُ ڪپڙا پسائي رکندس ڪڏهن ڪِمي اَچي پسائيندي. ڪِميءَ کي چئي ڇڏيو اَٿائين تہ ’جنهن وقت پنهنجي چانهہ ٺاهين تہ اَڌ پيالو مونکي بہ ٺاهي ڏيندي ڪر.‘ اُن ئي وقت، آرام سان، ڪموُ چانهہ پي سگهندي آهي، ۽ ٻہ گهڙيون ليٽي سگهندي آهي.

ڪم واري مائي ويندي تہ منجهند جي مانيءَ جي تياري. جي ڪنهن ڏينهن ڪيمي مائي موڪل تي ويئي تہ ڪموءَ جو دماغ ئي ڇَٽُ. بر مايس کي بہ موڪل تہ ڪپندي نہ. سندن حق ڪونهي ڇا؟

نچڻ ٽپڻ شروع ڪري ڇڏيو. ’آيي تُم رڙي نهين مارنا‘ جيئن ئي نريش در کوليو تہ ڪيس ٻانهن کان پڪڙي ٻاهر ڪيائين نيرا کي چيائين ’آيي تم جلدي سي سنان ڪرڪي آئو، تو مئن نريش کو تيار ڪرڪي تم لوگون ڪا ناشتا ٽيبل پي رکتي هون. آج دوڌ اؤر ڪوڪي ڪاکي جائو. نيوڊلس ليڪي جائو.‘

پوءِ جلدي جلدي نريش جا لڱ اُگهي ڪيس يونيفارم پائي جوراب ۽ بوٽ پائڻ لاءِ چئي رنڌڻي ڏانهن ڀڄي. پر نريش بوٽ سڄائي اُنهن کي هٿ بہ ڪونہ لاتو. تيستائين ٽڪڙ ۾ ڪموءَ اَچي ٽيبل تي نيرن رکي نريش کي بوٽ جوراب پائي نيرن کائڻ لاءِ چيو.

’نيرا پُٽ جلدي ڪرو. بس نهين رُڪيگي‘ وري هن کي ٻانهن کان گهلي سندس وار ٺاهيندي پوءِ هڪ گره ڏيءُ کي ٻيو گره پُٽ کي ڏيئي سندس ٽفن ڪتابن جي ٿيلهي ۾ وجهندي ۽ واٽر بئگ سندن گلي ۾ لٽڪائي کين در تائين ڇڏڻ ويندي. بس بہ اَچي هارن وڄائيندي آهي. ٻنهي کي ٽاٽا ڪري اَندر اَچي ٽوال سان منهن تان پگهر اُگهندي.

هاڻي رتن جي وڃڻ جي تياري.

ڪَموُ صبح جو سوير اُٿندي آهي. سنان پاڻي ڪري ٺوري پوجا ڪندي تہ رتن اُٿندو. چانهہ ٺاهي رتن کي ڏيئي پاڻ بہ پيئندي ڪم ڪندي رهندي. رتن کي صبح جو پراڻين فلمن جي گيتن ٻڌڻ جو شوق آهي. اُهو گيت ٻڌندي چپٽيون وڄائيندو لڏندو، لمندو، گيت گنگنائيندو ۽ ڏاڙهي لاهيندو. سنان تي ويندو تہ ريڊئي جو آواز وڌائي ويندو پلي گهر جي ٻاهر بہ ماڻهو چو نہ ٻڌن. ٻار ۷-۳۰ بجي اِسڪول ويندا، هيءُ مهاشيہ ۸ بجي نيرن کائي، ٽفن کڻي، اسڪوٽر تي چڙهي ڦُرِ-رِ-رِ ٿي ويندو. ڪموُ ڪجھ وقت لاءِ تہ پلنگ تي ڦان ٿي پيئي هوندي. رتن ڪنهن بہ ڪم ۾ ڪيس مدد نہ ڪندو آهي. مَردُ جو ٿيو. پنهنجي ڌُن ۾ هلڻ وارو شخص آهي، نہ ڏئي نہ ڏُکوئي. ڪَموُ شُڪر ڪندي آهي. وري بہ وڙهي جهڳڙي تہ ڪونہ ٿو. هرڪنهن جو سڀاءُ آهي.

سندس آتما ساڻ نٿي ڏئي. اِن ڪان اِهوئي بهتر آهي تہ پاڻ ڪمائجي. ائين تہ ڪڏهن ڪڏهن راند مان بہ چڱو ڪٽي ايندي آهي. پر راند جا پيسا الڳ راند لاءِ ئي رکندي آهي.

هڪ ڏينهن ڪَموءَ رتن کي چيو، 'هاڻي ٻار وڏا ٿيا آهن. مان بہ چاهيان ٿي تہ ڪا ننڍي وڏي نوڪري ڪيان. رڳو سڄو ڏينهن گهر جو ڪم. مان تہ ٿڪي پيئي آهيان. شادي ءَ کان اَڳ بہ سٺي نوڪري هئي مونکي ڪا ڏکيائي ڪونہ ٿيندي.'

'ڀلي ڪر.' رتن چيو

'ڀلي چا ڪيان. ٿوري توهان بہ تہ مدد ڪيو نہ.' ڪَموءَ چيو، رڳو اِهو خيال رکجو تہ ڪٿي ڪا خالي جڳهہ هجي باقي سڀ مان پاڻ ئي ڪندس.'

'O.K O.K' رتن مسڪرائيندي چيو.

ايندڙ مهيني جي پهرين تاريخ تي ئي ڪموُ هڪ پرائيوٽ آفيس جي ڪال سينٽر ۾ لڳي ويئي. صبح جو نوين بجي کان شام جو ڇهين بجي تائين. پر ڪم ايترو جو ڪيس کنڊ مٿي کڻڻ جي فرصت بہ ڪونہ ملندي هئي. فون جي گهنٽي هڪ چا ٽي ٽي گهنٽيون گڏ پيئون وڄنديون هيون. اُف! وري ماڻهن جا سوال، جواب، فرمائشون، عجيب ماڻهن جو عجيب ڳالهيون. پهرين تہ ڪموءَ کي ٿورو ڏپ بہ ٿيندو هو پر پوءِ تہ اَهڙي هوشيار ٿي ويئي جو مزي سان وينئي سڀني کي جواب ڏيندي هئي. پگهار بہ پهرين ست هزارا ڪم جي حساب سان گهڻو ڪونہ هئو. پر آهستي آهستي وڌندو يا ٻئي ڪنهن هنڌ بہ ڪوشش ڪري سگهبي. باس ڪم جي ڪري خوش هو. ڪَموءَ ۾ چڱو اِنٽريسٽ وٺندو هو پر هرويرو خراب ڪونہ هو. پر اِهو تہ اَڄ هر آفيس ۾ آهي. ڪي تہ ڳالهيون سهڻيون پونديون نہ.

پهرين پگهار چا ملي ڪَموءَ کي رتن ۽ ٻار ورائي ويس تہ 'ٽريٽ ڏي ۽ سُٺي هوٽل ۾ وٺي هلُ' ڪموُ تہ هونئن بہ گهڻو خوش هئي ۽ کين

ماني ڏاهيندي ڪمو ٻاسڻ ٻه مليندي ويندي. هڪ ڏينهن ٻُهاري نه پاتي يا صفائي نه ڪئي ته ڪائي ڳالهه ڪانهي، پاڻ ماري هچا ته ڪونه ڪرڻي آهي. مڙد ته رڳو آفيس جو ڪم ڪري اَچن. زالون ته سڄو ڏينهن ٽيون ڊڳن وانگر وهن.

پر ڪموءُ ڪافي سمارٽ آهي. جيئن ئي ٻار ٽيوشن لاءِ ويندا ته پاڻ اِسڪوٽي کڻي ويندي ساهڙين سان راند ڪرڻ، نه پتي. اَڄڪلهه اِهو فئشن آهي ته گهر ۾ نه وِهو. گهمو ڦرو. راند ڪري من وندرايو. جيستائين ٻار ٽيوشن تان موٽن يا پتي مهاشيه گهر پهچي تيسائين وندر. ڪڏهن ڪڏهن کِٽي پارٽي. پوءِ اُها ڪڏهن گهر ۾ ڪڏهن هوٽل ۾. گهڻو ڪري هوٽل ۾. چينج به ته ضروري آهي ته ڪم کان به ڇوٽڪارو!


آرتوار آيو يا ڪا موڪل ٿي ته معنيٰ مصيبت. ٻار دير سان اُٿندا. موڪل آهي ته نيرن به ڪا سٺي ٺهندي. دال پڪوان، پوريون پٽاٽا، ڪٽليٽس جيڪا ٻار فرمائش ڪن. رتن ته صبح جو چانهه پي پراٺا گانا ٻڌندو. وچ ۾ ٻي چانهه پيئندو ۽ جيئن ئي گانن جو پروگرام پورو ٿيندو ته سمهي پوندو. نيرن ڪائڻ لاءِ اُٿندو. ڪائي وري سمهي پوندو. ٻارهين ٻجي سنان ڪندو. هڪ ٻجي ماني ڪائي وري سمهي پوندو. موڪل ڏينهن راند تان موڪل، سڀني جا ٻار، پتي گهر ۾ هوندا ته فرمائشون پيئون ٿينديون. ڪڏهن ڪا سٺي فلم هوندي آهي ته آرتوار ڏينهن يا موڪل ڏينهن اُها ڏسڻ ويندا آهن ۽ رات جي ماني هوٽل تان ئي ڪائي ايندا. جي خرچ گهڻو ٿيو ته وري پئسن ڳڻڻ ۾ ڌيان ويندو. اِن ڪري ڪموءَ سوچي ڇڏيو آهي ته ٻار ٿورا وڏا ٿيندا ته پاڻ به نوڪري ڪندي. گهر کي مالي مدد سان گڏ سندس هٿ به ته کوسو رهندو، نه ته وينو رتن کان گهرُ. اِئين ته گهر جي خرچ مان سولائيءَ سان پئسا ڪڍي سگهبا پر اُهو سٺو نه ٿيندو. ۽ جي اِن قسم جي عادت پيئي ته....

سٺي ڪم سان ٿيندو نہ ۽ هڪ سال ۾ ڪموءَ جو پگهار هزار روپيہ وڌيو!

رتن سمجهوُ اِنسان هو، پنهنجي آفيس ۾ بہ گهڻيئي تجربا ٿيندا ڏٺا هئائين. هُن اِهو بہ محسوس ڪيو هو تہ نوڪري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪَموُ گهڻو خوش رهڻ لڳي هئي. پنهنجي ڳاهہ ٺوُهہ تي وڏيڪ ڌيان ڏيندي هئي. آفيس ۾ گهٽي ڪم جي باوجود بہ هُن کي پنهنجي هُئڻ جو اَحساس ٿيڻ لڳو هو. رتن کي ڪو اعتراض ڪونہ هئو. جي هڪ ٻئي سان ائڊجسٽ ڪري هلجي يا کي نندا وڏا سمجهوتا بہ ڪرڻا پون تہ وڏي ڳالهہ ڪانهي. نہ تہ زندگي ڇُرندي ڪيئن. اَڄ تہ زمانو ڊوڙڻ جو آهي ۽ هرڪو ٻئي کان اڳيان وڌڻ ٿو چاهي. ڪَموُ سدائين پنهنجي باس جي ساراهہ پيئي ڪندي هئي.

هڪ دفعي رستي تي هڪ ٻئي سان گڏجاڻي ٿي وين. رتن محسوس ڪيو تہ ڪَمو جي باس ڪموءَ جي ڪلهي تي ٻانهن ورائي ڪانئس حال اَحوال پڇيو. رتن سان بہ تمام سٺي نموني گڏيو ۽ ڪموءَ جي ساراهہ ڪندي چيائين تہ ’ڪمو تمام سمارٽ ۽ سنسيئر آهي ۽ سندس اَچڻ سان آفيس جي ٻين ڪم ڪندڙن تي بہ اَثر ٿيو آهي.‘ رتن مشڪي ٽيڏين اَکين سان ڪموءَ جي مشڪندڙ چهري کي ڏسي رهيو هو. باس عمر جو ڪافي وڏو هو ۽ تمام سهڻي نموني وهنوارَ ٿي ڪيائين. رتن جي من کي سنتوش ٿيو. ڊپ جي ڪا خاص ڳالهہ ڪانهي. بس، باقي ڇا کپي! زندگي، اِجهو اِئين آهي.

THX - 23,
Adipur- Kutch 370205



سني هوٽل ۾ وٺي ويئي. سڀني شوق سان پنهنجي پنهنجي پسنديءَ جون شيون کاڌيون. پچاڙيءَ جو ٻارن چيو، ’هم ڪلفي کائينگي‘. رتن پنهنجي لاءِ آئسڪريم گهرائي، ڪموءَ ڪُلفي. ٻارن ڪلفي کائڻ شروع ته ڪئي پر هٿ پري چڏيائون. پيپر نئپڪن سان هٿ صاف ڪن يا ڪلفي کائين! ’ممي، ميري ڪلفي تو پٽ ۾ ڳر گئي، مُجهي اَيي آئسڪريم چاهيئي.‘ ’نيرا پُٽ تُم ڪلفي ڪو اِس طرح چُڪ مارو تو پٽ ۾ نهي گريگي.‘ ڪموءَ چيو. پر ڏنگي نيرا اِئين ڪلفيءَ جي ٽڪر ڪي ڪاڏو جو اُن جي ڪلفي به پٽ تي ڪري پيئي. ’ممي، اَيي مُجهي به آئسڪريم کاني هئه‘ ۽ پوءِ چڙهيا سڀ اِسڪوٽر تي.

صبوح جو ڪموءُ ياڇي ٺاهيندي هئي. ڪمي مائيءَ کي پگهار وڌائي ڏنائين. اُها صبح جو اَچي سڀني کي ٽِفن ٺاهي ڏيندي هئي. ڪموءَ جي وڃڻ ڪانپوءِ باقي ڪم ڪري، ٻن ٻين گهرن جو ڪم به ڪري ايندي هئي. منجهند جو ٻار ايندا هئا ته کين گرم ڦلڪو پچائي ڏيندي هئي. پاڻ به اُتيئي کائي سمهي پوندي هئي. ڇئين بجي ٻارن کي ٽيوشن تي موڪلي پاڻ به هلي ويندي هئي. بس ڪموءَ کي اِهائي اون هئي ته ٻار ٺيڪ نموني هلن. وچ وچ ۾ فون ڪري به ڪانئس ٻارن جي خبر وٺي چڏيندي هئي. ٻار هوم ورڪ پورو ڪري گهر ايندا هئا ۽ ڪموءَ جي اَچڻ ڪانپوءِ ئي گهر پهچندا هئا.

ڪموءَ چُست هئي، تمام سمارٽ. ڪپڙي لٽي، هلڪي ميڪ اَپ ڪرڻ جو سٺو ڍنگُ. آفيس ۾ هِڪُ منٽ به اَجايو نه وڃائيندي هئي نه ئي ڪنهن سان گپ شپ. اِن ڪري باس سندس ڪم مان خوش هو، بيحد خوش هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس پنهنجي ڪئبن ۾ گهرائي سندس ساراهه به ڪندو هو. اِن ڪري ٻين ڇوڪرين کي ساڙُ به ٿيندو هو، پر اِهو آفيس ۾ هلندو آهي. گهر ۾ ئي پاڙن پينرن جي وچ ۾ اِهي ڳالهيون ٿينديون آهن نه ته مهاڀارت ڇاکي ڇئبو آهي؟ واڌارو به

ته

بلڪل شُڪي آهي. باقي ننڍي ڌيءُ پنڪي اَڃا ڪاليج جي سيڪنڊ ييئر ۾ آهي. سڀ خوش آهيون. مالڪ جي رحمت آهي. ائين ڳالهائيندي منهنجو گهر اَچي ويو. مون آٽو رڪشا مان لهندي ڪيس چيو ’شڪو گهر هل، چانهه پاڻي پي پوءِ وڃجانءِ‘. چيائين: ’نه ديدي، هينئر گهر ويندس جو هُئي اِسڪول ۾ ٻه ڪاڏو پهچائڻو آهي، ٻئي ڪنهن ڏينهن ايندس.

گهر جي گيٽ تائين پهچندي شڪوءَ جي باري ۾ سوچيندي جيئن اَچي صوفا تي ويٺس ته مان لڳ ڀڳ ويهه ٻاويهه سال پراڻي زماني ۾ پهچي ويس. شڪو مائي منهنجي گهر ۾ ٻُهاري، پوچا، ٻاسڻ ۽ ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم ڪندي هئي. هن شڪوءَ جي ڪهاڻي هن ريت آهي.

ٻاويهه سال اڳ منهنجي سامهون واري گهر ۾ ئي منهنجي ساهيڙي لڪشمي گونديا مان پنهنجي ڀاڄائيءَ جي ڊليوريءَ تي آيل هئي. لڪشميءَ شڪو مائيءَ کي لاچار ڪم تي رکيو هو (لاچار اِن ڪري جو شڪو مائيءَ جو سڄو چهرو سڙيل هو ۽ هڪ اک ڪان ڏسي ٻه ڪين سگهندي هئي.) لڪشميءَ سان ڳالهائيندي اوچتو جيئن منهنجو شڪو مائيءَ ڏانهن ڌيان ويو ته پڇيومانس ’لڪشمي هيءَ ڪهڙي مائي رکي اَٿئي؟‘ چيائين ’سوني، سچ پڇين ته مائيءَ جي سخت ضرورت هئي. هن جي شڪل شبيهه ڏسي مون هن کي لاچار ڪم لاءِ رکيو هو پر هينئر خوش آهيان. مائي سچ پچ ته ديوي آهي ۽ ڪم ٻه تمام سٺو اٿس. ويچاري قسمت جي ستايل آهي. ڪيس ٻين ٻه ٻن چئن گهرن جي ضرورت آهي پر سندس شڪل ڏسي ڪير ٻه ڪيس ڪم تي رکيئي نٿو. ڳالهه ٻڌي منهنجي دل پگهرجي ويئي. سچ پچ ته مونکي ٻه مائيءَ جي ضرورت هئي. پڇيومانس منهنجو ڪم ڪندينءَ؟ يڪدم ها ڪيائين. ٻئي ڏينهن کان منهنجي گهر ٻه ڪم ڪرڻ لاءِ اَچڻ لڳي. پهرين ته منهنجي گهر وارا ٻه شڪوءَ جي شڪل ڏسي مونکي چوڻ لڳا ته توکي ٻي ڪا مائي نه پئي ملي ڇا؟ آخر منهنجي سمجهائڻ

ڪهاڻي/آشا رنگواڻي



صورت کين سيرت

اڄ جيئن ڪاليج کان گهر ڏانهن واپس اَچي رهي هيس تہ رستي تي ڪنهن اوچتو آواز ڏنو ’ديدي!‘ آواز سڃاڻل لڳو ان ڪري مان ڪِن پل لاءِ رُڪجي ويس ۽ ٿورو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳس. ايتري ۾ هڪ عورت آٽو رڪشا مان ڪنڌ ٻاهر ڪڍي وري وڏي آواز سان پڪاريو ’ديدي!‘. پنيان مُڙي ڏٺم تہ منهنجي پُراڻي ڪم واري مائي شڪو هئي. آٽو رڪشا ۾ سيٽ تي ٿورو پريرو ٿي ويهندي مونکي چيائين ’ديدي ٻئنو، گهر جا رهي هو نا!‘ مون بہ ڪيس پيار سان ڪيڪاريندي چيو : شڪو ڪيئن آهين؟ تنهنجي گهر ۾ تہ سڀ ٺيڪ آهي نہ؟ صبح صبح جو ڪيڏانهن پيئي وڃين؟ جواب ۾ چيائين: ديدي، سڀ ٺيڪ ٺاڪ آهي. اڄ ڪلهہ اسڪولن ۾ سرڪار ٻارن کي کاڌو ڏيندي آهي. مونکي بہ ٻن اِسڪولن ۾ کاڌو پهچائڻ جو ڪم مليو آهي سو اِسڪول ۾ کاڌو پهچائي گهر وڃي رهي هيس تہ توهان کي رستي تي ڏٺم. مون ڏٺو تہ وڏا وڏا خالي برتن آٽو رڪشا ۾ رکيا هئا. پڇيومانس تہ شڪو اڄ ڪلهہ وري اِهو ڪم شروع ڪيو اٿئي ڇا؟ چيائين ؛ ها ديدي، ممبئيءَ جي نوڪري ڇڏي ڏنم. گهر جو احوال ڏيندي ٻڌايائين تہ ٻنهي پٽن جي شادي ٿي ويئي آهي ۽ ٻئي نونهر بہ نوڪري ڪندڙ آهن. وڏي ڌيءَ بہ پرڻائي آهي، اُها بہ تمام سُکي آهي ۽ پنهنجي گهر ۾

چالو ئي هوندو هو پر مون کيس هٽ پير جوڙي التجا ڪئي هئي تہ مهرباني ڪري اچ نہ پي اَچج. پر هو نالائق انسان اُن ڏينهن بہ پي آيو. جنهن تي منهنجي اُن سان تون چا تون چا ٿي پيئي ۽ پاسي ۾ ئي اسٽوو تي چانهہ ٺهڪي رهي هئي. نشي جي حالت ۾ مونکي ماريندي ڪن ايترو تہ زور سان ڌڪو ڏنو جو مان مُنهن ڀر وڃي اسٽوو جي مٿان ڪريس ۽ منهنجي سڄي ساڙهيءَ کي باهہ لڳي ويئي. اوڙي پاڙي وارا جمع ٿي ويا. منهنجي سسُ کيس چيو تہ تو هيءُ ڪهڙو قهر ڪيو پر مونکي پنهنجي پيڙا ۾ ڪو هوش ئي نہ رهيو. ٽي سال ڪي.اي. ايم. هاسپيٽل جي دوا چالو رهي. اِنهن ٽن سالن ۾ منهنجي سڄي زندگي بدلجي ويئي. منهنجي غير حاضريءَ ۾ منهنجن ٽن معصوم ٻارن کي ڪير سنڀالي؟ جن جي عمر ڇهہ مهينا، ٣ سال ۽ ٥ سال هئي. منهنجي سس ٻُڍي هئي، اِنڪري منهنجو مڙس منهنجن پيڪن مان منهنجي نندي ڀيڻ جنهن جي عمر اُن وقت ١٤-١٥ سال هئي ائين چئي وٺي آيو تہ هوءَ منهنجن ننڍن ٻارن جي ديکڀال ڪندي.

اَٺن نون مهينن کان پوءِ مونکي هاسپيٽل مان ڊسچارج ڪيائون. گهر وڃڻ کان پوءِ مونکي پنهنجي سس مان خبر پيئي تہ منهنجو مڙس منهنجي غير حاضريءَ ۾ منهنجي ناسمجهہ معصوم ڀيڻ کي ڪيئن پنهنجي هوَس جو شڪار بڻائيندو رهيو آهي. جنهن مان ڪيس پوءِ هڪ ڌيءَ بہ ڄائي. منهنجي سس اڪين سان سڀ ڏسندي هئي، پر ويچاري لاچار ٻڍي عورت ڪُجهہ ڪُڇي ڪين سگهندي هئي. مان جڏهن هاسپيٽل مان آيس تہ مون بہ هي سڄو تماشو اکين سان ڏٺو پئي، پر لاچار ڇا ڪريان؟ پاڻ کي سنڀاليان، پنهنجن ٻارن کي سنڀاليان ڪين هنن سان پُڄان؟ وروڌ ڪرڻ جي اِسٿتيءَ ۾ ڪين هيس، جيڪڏهن دل جلندي ڪڏهن وروڌ بہ ڪندي هيس تہ منهنجي سس مونکي شانت ڪرائي ڇڏيندي هئي ۽ چوندي هئي تہ هاڻي جيڪڏهن توکي وري ڪجهہ ٿي ويو تہ تنهنجا معصوم ٻار رُلي ويندا.

تي شانت ٿيا. شڪو مائي ڪم جي سچيار ايماندار ۽ نيم تي پوري هئي. آهستي آهستي اسان جي اوڙي پاڙي ۾ هن جي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جي خبر پئجي ويئي. ائين شڪوءَ کي ٻين ٻـ ٽن گهرن ۾ ساڳئي پاڙي ۾ ڪم ملي ويو.

وقت گذرندي منهنجي گهر جي سڀني ڀاتين ۽ منهنجو شڪو مائيءَ ۾ ايترو وشواس ٿي ويو جو اَسين گهڻائي دفعا کيس گهر جون چاٻيون ڏيئي ٻن چئن ڪلاڪن لاءِ ٻاهر نڪري ويندا هئاسين تـہ نشچنت هوندا هئاسين. شڪوءَ ڪڏهن بـہ اَسان جو وشواس نـہ ٽوڙيو. ڊيري ڊيري هوءَ اَسان جي گهر جي هڪ حصو بڻجي ويئي ۽ سڀني جي دل ۾ سمائجي ويئي. هاڻي شڪوءَ جي شڪل ڏانهن ڪنهنجو ڌيان بـہ نـہ ويندو هو. سڀني کي هن جي پيار ڀري دل ڏسڻ ۾ ايندي هئي. پنهنجي اَهڙي سڀاءَ ڪري هوءَ سڄي پاڙي ۾ شڪو مائيءَ جي نالي سان مشهور ٿي ويئي. کيس سڀ دل سان چاهيندا هئا.

شڪو مائيءَ جيئن ئي چار پئسا ڪمائڻ شروع ڪيا پهرين تـہ سڀني ٻارن کي اسڪول ۾ وهاريائين. ٻارن جي پڙهائي ۽ صاف صفائيءَ ڏانهن خاص ڌيان رکندي هئي. اِن لاءِ کيس ڪڏهن چار پئسا اوڌر تي وٺڻا بـہ پوندا هئا، پر ڪڏهن بـہ پائي بـہ ميري نـہ ڪيائين. شڪوءَ ٻارهن تيرهن سال اَسان جي گهر ۾ ڪم ڪيو اِن وچ ۾ سندس زندگيءَ ۾ گهڻيون ئي لاهيون چاڙهيون آيون.

هڪ ڏينهن مون سندس زندگيءَ ۾ ٿيل ائڪسيڊنٽ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو. پڇيومانس شڪو تنهنجي شڪل جي هيءَ حالت ڪيئن ٿي؟ پهرين تـہ ٻـ-چار منٽ چپ ٿي ويئي پوءِ ٻڌائين ديدي چا ٻڌايانوَ. رڪشا ٻنڌڻ جو ڏينهن هو، مان تيار ٿي گهوٽ سان گڏ رڪڙي ٻڌڻ لاءِ پاءُ جي گهر وڃي رهي هيس، منهنجي مڙس کي شراب پيئڻ جي خراب علت لڳل هئي. جنهن ڪري نشي ۾ مارڻ ڪُٽڻ تـہ سندس

جي دل کي ڪجهه وقت لاءِ راحت ملي. هاڻي وجهه وٺي پيڻ سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ شروع ڪيائين. پيٽس روئي ڪري پنهنجي ٻي سمجهيءَ ۽ مڙسنس جي نيچتا، تہ ڪيئن هن ڪيس پنهنجي هَوَس جو شڪار بڻايو جو پورو ذڪر ڪيو. هاڻي پيٽس هن مڙد مان بيحد خفي هئي ۽ ڇوٽڪارو پائڻ لاءِ واجهائي رهي هئي.

شڪوءَ پنهنجي زندگيءَ جا دک تہ لاچار سهسائي ڇڏيا هئا پر ننڍي پيڻ جي پيڙا ۽ اُن جي ٻن سالن جي ڌيءَ جي زندگيءَ جو سوچي سندس دِل ڪنبڻ لڳي. اِهو دک سهسائڻ هن لاءِ ڏکيو ڪم هو.

اوچتو ئي خبر ناهي هڪ ڏينهن شڪوءَ جي من ۾ ڇا آيو جو ننڍي پيڻ سان صلاح ڪري هڪ سٺي ڇوڪري سان پرڻائي ڇڏيائين (جيڪا هاڻي بلڪل سکي آهي). سندس مڙس جي پيرن هيٺان جڻ زمين ئي کسڪي ويئي. هُن هئڙي قسم جي ڳالهہ جي ڪڏهن ڪلپنا بہ نہ ڪئي هئي. هوُ اکيون ڦاڙي وائڙن وانگر شڪوءَ کي ڏسندو ئي رهيو پر ڪجهہ ڪري نہ پيو سگهي. پنهنجي پيڻ جي ٻن سالن جي ڌيءَ کي شڪوءَ پنهنجي ڌيءَ ڪري پاليو ۽ سٺي تعليم ڏني جيڪا اڄ شاديءَ لائق ٿي آهي. اڄ شڪو پنهنجي ڪٽنب سوڌو بيحد خوش آهي. سندس پٽ بہ پڙهي تمام سٺين نوڪرين تي لڳا آهن ۽ ماءُ کي ڏاڍي عزت ڏيندا آهن. شڪو اَجا تائين اِسڪولن کي ڪاڌو پهچائڻ جو ڪم ڪندي رهندي آهي.

BK. No. 73, Room No. 9,
Ulhasnagar - 421001



منهنجو پٽ تہ نالائق آهي پر تون سياڻي ٿي پنهنجن ننڍڙن ٻارن جو سوچ. مان چپ ٿي ويندي هيس.

هاسپيٽل مان اَچڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن ايڪانت ۾ ويهي جڏهن پنهنجو چهرو آئيني ۾ ڏٺم تہ ڏکي ويس. منهنجو خوبصورت چهرو جيڪو هاڻي ڀيانڪ سڙيل چهري جي صورت وٺي چُڪو هو، تنهن چهري کي ڏسي ڪو بہ مونکي ڀُهاري باسڻ جي ڪم تي رکڻ لاءِ بہ تيار نہ ٿيو ٿئي. ٻيو تہ ٺيڪ منهنجا پنهنجا ٻار جيڪي منهنجو ئي خون هئا اُهي بہ منهنجي شڪل ڏسي ڏکڻ لڳا ۽ پراوا بڻجي پيا. ڪيئن مون اُنهن کي رمز سان پنهنجي ممتا جي ڇانو ۾ جڪڙي ڇڏيو اُن کي منهنجي دل ئي ٿي ڄاڻي. منهنجي مڙس منهنجي جسم سان گڏ منهنجي انتر آتما کي بہ جلائي خاڪ ڪري ڇڏيو هو. مون سان گڏ منهنجي ننڍي معصوم ڌيءَ جي زندگي بہ برباد ڪري ڇڏي. هر وقت دل ۾ هڪ باهہ ٻرندي رهندي آهي تہ ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ موقعو مليو تہ هن منحوس اِنسان کي برابر سِڌو ڪنديس ۽ پورو مزو چکائينديس، جنهن منهنجي زندگيءَ کي جنسي نرڳ بڻائي ڇڏيو. پر وري دل ۾ ايندو هو تہ جيڪو ٿيڻو هو سو ٿي چڪو آهي، هاڻي مان هن نالائق اِنسان جو ڇا بگاڙي سگهنديس.

ائين شکو ڪيترائي دفعا پنهنجي زندگيءَ جون ڳالهيون ڪري روئي پوندي هئي. ڪيس اِها بخوبي ڄاڻ هئي تہ سندس ننڍي ڌيءَ جي اَبوجهائيءَ جو سندس مڙس فائدو ورتو هو. تڏهن بہ آلائي ڇو شکوءَ کي ڪيترائي دفعا پنهنجي ڌيءَ تي غصو لڳندو هو. ڳالهيون ٻڌائيندي چوندي هئي 'ديدي! مونکي مڙس ۽ ڌيءَ جو سنبنڌ ڏسي ڏاڍي جلن ٿي ٿئي. هو زوريءَ هڪ گهر ۾ رهي مونکي جلائين ٿا'.

آخر اِهو سڀ بہ گهڻو وقت نہ هليو. مڙسس شراب پي پيٽس کي بہ هاڻي مارڻ ڪُٽڻ لڳو. روز گهر ۾ جهگڙا چالو ٿي ويا. اِهو ڏسي شکوءَ

ملاقات: لکمي ڪلاڻي



تيرٿ بسنت سان مڪاميلو

۹ جون ۱۹۸۵ شام جو ڇهه لڳا. دهليءَ جي لوڌي ڪالوني. ڪوارٽر نمبر ۶۶۸۴. ٻاهر وراندي ۾ ويٺل ٻن عورتن کان پڇيا ڳاڇا. هڪ جو هٿ سان مٿي اِشارو ڪرڻ. ڀهرئين ماڙي تي پهچي، گهنٽي وڄائڻ تي، هڪ پير مرد جو ٻاهر اَچي، اجا مٿي ٻئين ماڙي ڏانهن اِشارو ڪرڻ. ڏاڪڻ چڙهي مٿي پهچڻ تي کُليل ڇت نظر اَچيٽي. ها، هڪ ننڍو ڪمرو ڏسڻ ۾ اَچيٽو، جنهن کي هٽ برساتي چوندا آهن. ويجهو پهچڻ تي ڏسانٽو تہ هڪ پير مرد نوار واري کٽ اڌ ڪمري اندر ۽ اَڌ ڪمري کان ٻاهر وجهي، وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي ڪجهہ لکڻ ۾ مصروف آهي. رڳو سندس پٺي نظر اَچيٽي.

’مان اندر اَچي سگهان ٿو؟‘ پير مرد جهٽ اُٿي ويهي ٿو. مان کيس سڃاڻي اڳيان وڌي اَچي هن سان هٿ ملايان ٿو. ’مون کي سڃاڻو ٿا؟‘

ها، هن مون کي سڃاڻي ورتو آهي. ڪن سيمينارن ۽ ادبي ٻئٺڪن ۾ گڏيا آهيون. پر کيس منهنجو نالو ياد ڪونهي، اسان جي وچ ۾ ڪڏهن ڪو خط و ڪتاب بہ ڪونہ ٿيو آهي. دستوري خير يافت بعد هو پڇيٽو: ’چا پيئنديں چانهہ يا شربت؟ ڀهرين ڪجهہ ميوو کاءُ‘. هو پليٽ ۾ آلو بخارا ۽ زردالو آڻي اَڳيان رکيٽو ۽ شربت ناهڻ ۾ لڳي ٿو وڃي.

مان حيرت مان سندس رهائش جي ڪوٺڙيءَ اندر نهاريان ٿو. هفتن کان جنهن ۾ ڪا ٻهاري ڪانہ پاتي ويئي آهي. هِت هُت ٽڙيل پکڙيل ڪتابن تي دز جا تهہ ڄمي ويا آهن. ڪاٺ جي ميز تي اسٽوو ۽ رڌڻ جا بہ ٻہ ٽي برتن رکيل آهن. پٽ سان اٽڪيل ڪاٺ جي تختي



تيرٿ بسنت

Tirth Basant

B: 7-9-1909 **D: 30-9-1994**

’توهان کي هينئن دنيا کان پوريءَ طرح پاڻ کي الڳ رکڻ سان اڪيلائي نٿي محسوس ٿئي؟ ولايت ۾ تہ جيڪي پيرسن اڪيلا ٿا رهن اهي بيگانيت Alienation جي بيماريءَ جو شڪار ٿي ٿا وڃن. ڪيترا تہ ان مان ورچجي آپگهات ٿا ڪن.‘

تيرٿ بسنت پنهنجي واٽيل کٽ تي وهاڻي کي ٽيڪ ڏيئي پنهنجي اڌ ليٽيل پوسچر ۾ اَچي ويو آهي. هو جواب ڏيئيٿو.

’منهنجي لاءِ سچ پچين تہ وقت کُٽي ٿو پوي! لکڻ پڙهڻ ۾ وقت جو ڏيان ئي نٿو رهي. مان هينئر پنهنجي ئي صحبت جو ساٿ ماڻڻ جو عادي ٿي ويو آهيان، اُن مان مونکي سُڪون ٿو ملي. Self-Contentment جهڙي ہي ڪا نعمت ڪانهي. نہ، مون کي پنهنجي صحبت راس اَچي ويئي آهي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي سوچ ويچار جي دنيا ۾ ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي تي فڪر ڪندي گهاري سگهان ٿو. منهنجي هيءَ واڻ جي کٽ رات جو ٻاهر وشال آڪاش هيٺان هوندي آهي. هيءَ جڳهہ مونکي ان ڪري پسند آهي جو رات جو سمورو آسمان نظر ايندو آهي.

شام جو پنجين کان اَٺين بجي تائين مان ٻاهر گهمڻ نڪري ويندو آهيان. انٽرنئشنل سينٽر ۾ ڪو ليڪچر هوندو آهي تہ اهو ضرور ٻڌڻ ويندو آهيان. نہ تہ پيو ڪليل ايراضيءَ ۾ ٽهلندو آهيان.

هو پنهنجي اڌ ۾ ڇڏيل انگريزي دستخط تي نظر وجهي ان کي پاسيرو رکيٿو.

’هي ڇا لکي رهيا هئا؟‘

’هڪ انگريزي ڪتاب تي سمالوچنا! نہ، نالو نہ ٻڌائيندوسانءِ.‘

’توهان تہ بنان عينڪ جي پڙهي ٿا سگهو؟‘

’چڱيءَ طرح. اڃا تائين تہ عينڪ جو استعمال نہ ڪيو اَٿم.‘

’مون ٻڌو آهي تہ توهين جينمل پرسرام جي نهايت ويجهو رهيا. ايندڙ سال جينمل پرسرام جي جنم شتابدي آهي. هن تي ’رچنا‘ لاءِ ڪو ليک لکي ڏيو!

ڪتابن جي بار سبب هيٺ جهڪي ويئي آهي. ڪنڊ ۾ هڪ لوهي پيٽي آهي، جنهن ۾ سندس ڪپڙن جا ٻه ٽي وڳا پيا هوندا. ڪمري ۾ فرنيچر جي نالي بس اهائي هڪ نوار واري لوهي کٽ آهي. جنهن جي پوزيشن سورج مکيءَ جي گُل جيان ڪڏهن در طرف ڪڏهن دريءَ طرف پئي پنهنجا پاسا بدليندي آهي. ڪمري ۾ نڪو بجليءَ جو بلب آهي نه ڪو پکو.

هن تيرٿ بسنت جي زندگيءَ جو بس اِهو هڪ ئي شغل رهيو آهي، پڙهڻ ۽ لکڻ. پنهنجي سڄي زندگي هن ان ئي هڪ ڪرت ۾ گذاري ڇڏي آهي، هو صرف ان لاءِ جائو آهي. دنيا ۾ جيترو به علم موجود آهي، اُهو پنهنجي دماغ اندر سمائيندو رهيو آهي. ٻڌو اَٿم ته وڏا وڏا رشي هماليه جي غفائن ۾ گهور تپسيا ڪندا آهن. سماڌيءَ ۾ وڃڻ بعد سندن جٽائن ۾ پکي پنهنجا آکيرا ٺاهي رهندا آهن. مان به اڄ اَهڙي ئي هڪ رشيءَ جي غفام گهڙي آيو آهيان. لکڻ پڙهڻ جي ڌُن ۾ لڳيتو هن شخص تي گرمي، سردي، اُس برسات جو ڪو اثر نه ٿيندو هوندو.

شربت جي گلاس مان ڍُڪ پريندي، تيرٿ بسنت مون کي ٻڌائيٿو :

’مان روٽي پاڻ ٺاهيندو آهيان. نوڪر رکي سگهان ٿو. پر نوڪرن جا حال اَهڙا آهن جو ترت ٻانَهنِ مان ڦري آفا ٻڻجيو وڃن. مون کي پنهنجي آزادگي پياري آهي. سڄي عمر مون پاڻ تي ياڙيو آهي....

.... مون وٽ پئسا آهن. هن کان بهتر مڪان افورڊ ڪري سگهان ٿو. دهليءَ ۾ هيءُ ڇهون مڪان بدليو اٿم. پر اهڙو مڪان مشڪل سان ٿو ملي جتي هن طرح جي مڪمل نويڪلائي هجي، ٻئي ڪنهن جي ڪا دست اندازي نه هجي.‘

’توهان وٽ هت ٻيو ڪير اَچي وڃي؟‘ منهنجو ڪانئس پڇڻ.

’نه ڪير مون وٽ اَچي، نه ئي دهليءَ ۾ مان ڪنهن سان گڏجڻ وڃان. ها، تو جيان ڪڏهن سال ۾ هڪ اڌ دفعو ڪو پليل پتڪيل اچي سماءُ لهي ويندو آهي ته تيرٿ بسنت اَجا جيئرو آهي.‘

نوڪري نہ ڪئي، نہ ئي ڪنهن اڳيان پنهنجي ضرورتن لاءِ هٿ ٽنگيم.'

'توهان شادي بہ نہ ڪئي؟'

'شادي ڪرڻ سان زال ۽ ٻارن لاءِ ڪمائڻو پوي ها. لکڻ پڙهڻ لاءِ پنهنجي مرضيءَ مطابق زندگي گهارڻ جي هيءَ آزادي ڪسجي وڃي ها، ان ڪري شادي نہ ڪيم.'

'اَنٽي لٽي اَجهي لاءِ توهان جو ڪڏهن هٿ تنگ نہ ٿيو؟'

'ها مصيبتون تہ ڪيئي جهيلڻيون پيون، پر پوءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن ٻاٽمرادو اَچي منهنجون اهي رواجيءَ ۾ رواجي ضرورتون پوريون ڪيون آهن. مون ڪڏهن بہ پنهنجي سر ڪنهن اڳيان هٿ نہ ٽنگيو آهي. منهنجا ويهن ڪان بہ مٿي ڪتاب ڇپيل آهن. اُهي بہ ٻين ئي ڇپايا آهن. وڪرو ڪيو اَٿن يا وراهيا اٿن. مون کي ان سان ڪو سروڪار نہ رهيو آهي.'

'توهان زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪا نوڪري ڪانہ ڪئي؟'

'هڪ بہ دفعو ڪوشش ڪيم. حيدرآباد ڪاليج لاءِ پرنسيپال پاروانٽيءَ منهنجو انٽرويو ورتو جنهن لاءِ ڪلياڻ آڏواڻي، روپچند ۽ ٻيا بہ اُميدوار هئا. ٻين کان مون کي ئي وڌيڪ مارڪون ڏنيئي، بورڊ کي سفارش ڪئي هئائين. مان هڪ دفعو سنڌ ورقي فرم جو مئنيجر ٿي جاپان بہ ويس، پر اُتي بہ دل ڪانہ لڳي. ائين ٻيا بہ ڪيترائي ملڪ گهمي آيس. ايران، عراق، ترڪستان .....'

'ڇا توهان هن طرح جي پنهنجي گذاريل اڪيلي رولو زندگيءَ مان مطمئن آهيو؟'

'نہ، مان مطمئن تہ نہ آهيان. ڪافي مصيبتون جهيليون اٿم، جيڪي ڪوبہ جهيلڻ نہ چاهيندو. پر ٻيو ڪو چارو بہ تہ ڪونہ هو. نوڪري ڪرڻ مون کان پڄي نہ ها، نہ ئي شادي ڪري، ٻار پالڻ نڀائڻ ۾ ئي منهنجي ڪا دلچسپي هئي. شروع کان ئي مان آزاد طبع

’لالچند اَمرڏني مل جي بہ ويجهو هوس. پر جيٺمل پرسرام سان وڌيڪ ويجهو. هو بہ مون وانگر جنوني هو. پر مون ڪڏهن بہ ڪنهن جي آرڊر تي ڪو ليک ڪونہ لکيو آهي. پوُرُ پيو تہ پنهنجي سِر لکجي ويندو!‘

’توهان گهڻو ڪري مضمون ئي وڌيڪ لکيا آهن؟‘

’ڪنهن چيو؟ منهنجيون لکيل سوين ڪهاڻيون، شعر، ايڪانڪي ناٽڪ ۽ هڪ وڏو ناٽڪ بہ لکيل آهي. ڪهاڻين، ايڪانڪي ناٽڪن ۽ شعرن جا مجموعا بہ ڇپيل آهن، تو ڪونہ پڙهيا آهن؟‘

پنهنجي شرمندگيءَ جو احساس لڪائيندي چوانئو ’مون توهانجو ’ڪنور‘ پڙهيو آهي ۽ ان ۾ سمايل اوهانجي عالميت ڪان بيحد متاثر ٿيو آهيان. ڇا توهان جا شعر علم عروض يا ڇند وديا تي ٻڌل آهن؟‘

’نہ، مون آزاد نظم لکيا آهن. پر ڪنهنجي چوڻ تي، ڏنل آرڊر مطابق ڪڏهن بہ نہ لکيو اَٿم. جڏهن جيڪو پور پيو آهي، تيئن لکيو اَٿم. جيٺمل پرسرام سان وڌيڪ ويجهو هوس. هو بہ مون وانگر جنوني هو. ڪانگريسيءَ سان گڏ ٿياسافسٽ هو. هڪ دفعي حيدرآباد جي ٿياسافسٽ هال ۾ مهاتما گانڌيءَ جو چٽر ٽنگڻ تي چاهيائين، ان تي اَچي ٽنٽو لڳو. ڪراچيءَ ڪان بہ ڪيترا جوان ڪاهي آيا. مان هن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺس. جيٺمل جون ان زماني جون گهڻيون ئي يادگيريون آهن. پر مان ماضيءَ ڏانهن نهارڻ جو عادي ڪونہ آهيان.‘

’توهان جو جنم حيدرآباد ۾ ٿيو؟‘

’نہ نہ. خيرپور رياست جي لقمان شهر ۾. مان ١٢-١٣ سالين جو هوس، شايد چوٿين پنجين درجي ۾ پڙهندو هوس جو مائيلي ماءُ جي ڪِٽ پِٽ ڪري گهر کي الوداع ڪيم. پيءُ گهڻو ئي واپس ڇڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وري مُڙي گهر نہ ويس. مون کي ڪا بہ تعليمي لياقت ڪانهي. انگريزي وغيره بہ پنهنجي سوُد پڙهي اَٿم. ڪڏهن بہ ڪنهن اُستاد جو سهارو نہ ورتو اَٿم. زندگيءَ ۾ مون ڪڏهن ڪا

پوري اوک ڊوک ڪندس، ڇنڊڇاڻ ڪندس ۽ درست نه مڃڻ تي انهن کي رد ڪندس ...... وڪ هي منهنجو ليک پڙهي ڏس، تيستائين مان ڪپڙا بدلي وٺان. پوءِ هيٺ گهمڻ ٿا هلون!‘

مان سندس سنڌيءَ ۾ ليک پڙهان ٿو، جنهن ۾ هن اڄ جي سنڌي سماج/ساهتيه جي حالت تي نڪتچيني ڪئي آهي. پنهنجي مت جو پرچار ڪندڙ، آشرم هلائيندڙ گُرن تي، جيڪي ڌرم جي نالي ماڻهن کي ٺڳي رهيا آهن. اُهي بي سُرا گويا جيڪي ’الوڙي‘ ڪري بي سُرا راڳ آلاپي رهيا آهن. اُهي ليکڪ شاعر جيڪي ساڳين ئي روايتي فارمن ۾ اهڙ لکيل وري وري دُهرائي رهيا آهن.

’پڙهيئه؟ هينئر هن آزاد نظم ۾ منهنجي وسيمت پڙهه!‘

’مونکي مرڻ کان پوءِ پنهنجو نالو نه گهرجي، نه ئي ڪو يادگار. مون کڏهن به عهدي يا شهرت کي زندگيءَ جو مقصد ڪري ڪونه ڪنيو آهي. مان هن ئي زندگيءَ ۾ انساني زندگيءَ جي تمام قوتن کي پاڻ ۾ اُڀاري مڪمل ٿيڻ چاهيان ٿو. منهنجي لاءِ اُهو ئي زندگيءَ جو اُديش آهي. نه جپ تپ ڪرڻ، تن کي تسيا ڏيڻ، هن سنسار کي مٿيا مڃي اُن جو تياڳ ڪرڻ. منهنجو ويدانت ۾ ڪو وشواس ڪونهي. مان ويدانتي ڪونه آهيان. آتما کي سرير کي الڳ سمجهڻ جو مان تصور ئي نٿو ڪري سگهان. Existence ۽ Essence هڪ ٻئي ۾ سمايل آهن. انسان صرف هڪ چيتنا آهي. هو پنهنجي خيالن، ويچارن جو ئي جوڙ آهي. مان پنهنجي اندر اُجارڻ کي مڃان ٿو. ماڻهو سهڻي هلت هلي آچار وهنوار درست ڪري، پوءِ سندس اندر ۾ اَهڙيون قوتون جاڳن ٿيون. مون کي هينئر لڳندو آهي گويا منهنجو ڇهون حواس کلي ويو آهي. اَڳلي انسان اندر ڇا ٿو وهي واپري، هو ڇا ٿو سوچي، مان ڇنيءَ طرح پڙهي سگهندو آهيان. چاهي هو منهنجي سامهون هجي يا مون کان هزارين ميل دوُر هجي. سائنس جي تمام ايجادن جو ماڊل هي انساني سرير آهي.‘

آهيان. ان ڪري پنهنجي چاهيل نموني زندگي گهارڻ لاءِ هي سڀ مصيبتون تہ برداشت ڪرڻيون ئي پيون. اهو منهنجو پنهنجيءَ اِڇا سان ورتل فيصلو آهي، ان ڪري ان لاءِ ڪو اَرمان ڪونہ اٿم. ايشور جي اها آسيس آهي تہ مان سڄي عمر ۾ بيمار ڪونہ پيو آهيان. صرف ٻہ راتيون بخار ۾ ليٽيو هوندس.'

'توهان ايشور کي مڃيو ٿا؟'

'نہ، ايشور کي ڪونہ مڃيندو آهيان. پر ايشور جو اکر اسانجي زبان جي واهپي ۾ ايترو تہ اچي ويو آهي، ان ڪان ڇوٽڪارو بہ ڪونهي!'

'اڃا بہ توهان لکندا رهو ٿا، اهو ڄاڻندي تہ سنڌيءَ ۾ اڄ ساهت جا پڙهندڙ عدم موجود آهن؟'

'ها، لکندو رهان ٿو ۽ آخر تائين لکندو رهندس. ڇپائڻ جو هرويرو موهہ نہ آهي. اهو لکڻ پڙهڻ بہ پاڻ سان ئي گفتگو آهي. پاڻ کي سمجهڻ جي ڪرت آهي. البت پوءِ بہ سنو ئي ٿو لڳي، جي ڪير پڙهي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ خيال ايندو آهي تہ هينئر لکڻ ڇڏي ڏجي، ڪنهنجي لاءِ لکجي؟ سنڌيءَ ۾ تہ سمجهڻ وارا رهيا ئي ڪونهن. جيڪي بہ ليکڪ سنڌيءَ ۾ لکن ٿا، ڪجهہ بہ اصلوڪو ڪونہ ٿا لکن. وديسي ڪتابن ۾ جيڪي ويچار آيل آهن، اُهي ئي ٿا اوڳارين. صرف انگ اکر ٿا ڄاڻائين. ڪهڙي سنہ ۾ ڄائو، ڪهڙي سنہ ۾ مُئو؟ منهنجي شروع ڪان ئي اهڙا انگ اکر گڏ ڪرڻ ۾ ڪا دلچسپي ڪانہ رهي آهي. مون پنهنجو رستو هميشه نئون پئي خلقيو آهي. ڪڏهن بہ ٻين جا اُڌارا خيال نہ ورتا. انگريزي ڪتاب خوب پڙهيا اٿم. هرهڪ ڪتاب پڙهي اُن جو اَنن ڏهن سڄن ۾ نچوڙ لکي ڇڏيان. پنهنجي ٻڙ لکڻ مهل بيشڪ اڳ آيل ويچارن جو سهارو ضرور ورتان. آخر بہ ڪو ليکڪ پولار مان تہ نہ لکندو. سندس ڪجهہ مال تہ هن جيون جي آزمودي مان ايندو جنهن ۾ پڙهيل ڪتاب بہ شامل آهن. پر اڳ آيل خيالن کي جيئن جو تيئن درست مڃڻ منهنجي فطرت ۾ ناهي، مان اُن جي

ڏاڪڻ مان هيٺ لهندي ڪانئس پڇان ٿو 'توهان جو دهليءَ ۾ ئي رهڻ جو اِرادو آهي؟

'دهليءَ ۾ مون کي گهربل هرڪا سهوليت موجود آهي.'

'گانڌيڌام؟'

'گانڌيڌام نه، ها آديپور مونکي پسند آهي. آديپور ۾ هن جهڙو نويڪلو ڪمرو مونکي ملي وڃي ته مان دهلي ڇڏڻ لاءِ تيار آهيان.'

'ٺيڪ آ .... ايندڙ مهني مان آديپور وڃي رهيو آهيان. اوهان لاءِ به ڪو ڪمرو ڳولهيندس.'

اَسين لوڌي ڪالونيءَ جي نويڪلن ڪشادن، گهاٽن وڻن وارن رستن تي چهلقدمي ڪريون ٿا. مان ڪانئس پڇان ٿو 'توهان شيڪسپيئر جو سٺو اڀياس ڪيو آهي؟'

'ها، 'هئمليٽ' ۽ 'آٿيلو' جو ساهتيه اڪادميءَ لاءِ ترجمو ڪيو اٿم. شيڪسپيئر جي چار سؤ سال واري جنم ڏينهن تي 'انٿوني ۽ ڪليئوپيٽرا' پنهنجي خرچ تي ڇپائي ڪيس شرڌانجلي ڏنم. شيڪسپيئر سان مون کي رغبت آهي.'

'۽ شاهه؟'

'شاهه کي هينئر ويجهڙائيءَ ۾ پڙهيو اٿم. سٺو شاعر آهي. سندس ٻولي ۽ اميجري ڪمال جي آهي.'

'اَڄڪالهه جا شاعر شيام ۽ شيخ اياز؟'

'سٺا شاعر آهن. پر گهڻو ٺٺو اُنهن وٽ لفظن جي مصنوعي گهڙت آهي. اُنهن وٽ پنهنجو ڪو فلسفو ڪونهي. جيئن اقبال کي پڙهڻ بعد چئي سگهجيٿو ته زندگيءَ جو سندس نظريو هي آهي. اسانجي شاعرن وٽ پنهنجو ڪو نظريو ڪونهي. بس صرف زندگيءَ جي عڪاسي آهي. شيخ اياز جو ايڪسپريشن بهتر آهي.'

مان شيام جي طرفداري ڪندي ڪيس چوان ٿو 'شيام قدرت جو شاعر آهي. ضروري ناهي ته شاعر فيلسوف به هجي. دِماغي ڪثرت

مان تيرٿ بسنت کي چوان ٿو ’توهان جا ويچار هستيوادي فلسفي جي ويجهو آهن. هو به انسان جي اوسر ۾ وشواس رکن ٿا. انسان ڇا ٿي سگهي ٿو، سندس ان Becoming کي مهت آهي. هو محنت ۽ رياض سان پنهنجي اندر ۾ سمايل تمام قوتن کي اُڀاري پنهنجي ’هئڻ‘ جو آنند ماڻي سگهيٿو.‘

تيرٿ جواب ڏنيئو ’نه، ائين ناهي. مان هستيوادي فلسفي کي به جيئن جو تيئن درست نٿو مڃان. ها، جيستائين Becoming جو سوال آهي، اهو صحيح آهي. باقي اِنساني زندگيءَ جي آخرين اُديش يا مقصد طرف هو نراساوادي آهن.‘

مان فيلسوفيءَ جي پنهنجي اڌوري ڄاڻ جو مظاهرو ڪندي ڪيس چوان ٿو ته اصل ۾ اسانجي ويدانت جا به مت آهن. هڪ راجا جنڪ جي پرورتيءَ وارو ۽ ٻيون شنڪر آچاريه جو نرورتيءَ وارو. شنڪر آچاريه جي مت جڳت کي مٿيا مڃيو آهي.‘

تيرٿ مون کي اَڌ ۾ ڪپي چويٿو ’شنڪر آچاريه جو مت Phenomenology وارو آهي، جيڪو صحيح آهي. اسانجي ٻاهر جي اکين کي جيڪي نظر اَچيٿو، اُن جو ڪو اَستيتو ڪونهي. صرف جيڪو اسين پنهنجي من اندر پنهنجي داخليت سان انڀو ڪريون ٿا، اُن جو ئي اَستيتو آهي.‘

مان وري ڪيس ٻڌايان ٿو ’رام ڪرشن پرمهنس موجب هستي ۽ اُن جو مول تت ڪي به الڳ الڳ اِڪايون ناهن. شو ۽ شڪتي هڪ ئي آهن. شِوَ ڪانسواءِ شڪتيءَ جو ۽ شڪتيءَ ڪانسواءِ شِوَ جو اَستيتو ڪونهي. جيئن سج ۽ روشني، سڌ ۽ پڙاڏو به الڳ الڳ هوندي به هڪ ئي آهن. ساڳيءَ طرح ’برهم‘ ۽ ’جڳت‘ به اَلڳ اِڪايون ناهن، به ئي حقيقي آهن. هڪ ٻئي جو ئي سروپ آهن.‘

تيرٿ بسنت در بند ڪري اُن تي تالو لڳائي ٿو. حالانڪ سندس ڪمري جي ڪُل سمپتي سندس ڪتاب ئي آهن يا هٿ لکيل دستخط.

ٻاهران آيا. اڄ جي سنڌي هندن جو موهن جي دڙي جي سنڌين سان ڪو واسطو ڪونهي. ٻنهي جي ٻولي ۽ تهذيب ۾ ڪا ٻه هڪجهڙائي ڪانهي. ائين هرويرو ٻاڻ کي ’موهن جي دڙي جا وارث‘ سڏي پيا ٿا پڏايون. ۽ غلط اتهاس ٿا ٻارن کي پڙهايون ......

...... اڄ جا گهڻو تڻو ليکڪ ڪنهن اَڳواٽ مقرر ٿيل آئيڊيالاجي جي فريم ۾ ٻاڻ کي مڙهي، پوءِ ٿا لکڻ شروع ڪن. مون پنهنجي ذهن کي هميشه کليل رکيو آهي. نتيجا اڳواٽ ڪڍي، پوءِ انهن کي ثابت ڪرڻ بجاءِ، پيش ٿيل حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي اٿم ۽ جيڪي به انهيءَ مان نتيجا نڪتا آهن، پوءِ ڪٿي اُهي منهنجي مچيل ڊارٽائن جي اُبتڙ، اسان هندن يا سنڌين لاءِ اُهي ڪيترائي اُڳرا يا اَڻوڻندڙ ڇو نه هجن، انهن کي قبول ڪيو اٿم. سنڌي ٻوليءَ کي مان هڪ محدود ٻولي ٿو مڃان. اُن ۾ ڪو وڏو شبد ڀنڊار ڪونهي. ٻ، ڏ، ڳ نهايت ئي اڻوڻندڙ آواز آهن. سنڌي دنيا جي ڀرين ٻولي آهي، اُن جو شبد ڀنڊار وشال آهي يا اُن ۾ ڪو عاليشان ساهت موجود آهي اهي دعوائون صحيح ناهن. اسين پنهنجي اهم کي خوش ڪرڻ لاءِ ٿا ٻاڻ کي پڏايون.‘

مان ڳالهه جو سلسلو بدلڻ لاءِ ڪيس اڌ ۾ ڪپي، پڇي ٿو ويهان ’ڄاڻ اَٿم ته توهان شادي نه ڪئي آهي. پر ڪي عورتون ته توهان جي صحبت ۾ آيون هونديون؟‘

منهنجو اهو اوچتو سوال ٻڌي، هو هڪ ٻن ڪنن لاءِ هڪو ٻڪو ٿي وڃيتو، پوءِ جهٽ پاڻ سنڀالي چويٿو: ’ها، هڪ ٻن عورتن جو سهواس ماڻيم. ليڪن ذهني، سريري نه. انهن طرفان اها به ڪوشش ڪئي ويئي، پر مون کي سريري سنجوڳ وارو ميلاپ هڪ طرح جي اجائي ڪرت لڳي آهي. اُها هڪ قسم جي سطحي Titillation آهي.‘

’تنهنجي معنيٰ ته سڄي عمر اوهان برهمچاري رهيا آهيو؟‘

’ها ائين چئي سگهين ٿو.‘

تيرٿ بسنت جي ستر سالن کان مٿي عمر ۾ هيءَ سڏي ڪاٽي،

بجاءِ جمالياتي احساس سان اسانجي دل جي تارن کي ڇيڙي، ڇا اهو ڪافي ناهي؟ گلاب جي گل جيان ڪلا پنهنجي سِر ئي پنهنجو پاڻ ۾ پورڻ هڪ مڪمل اِڪائي آهي. شيام ڪي پڙهندي اسان کي هڪ Emotive Experience ٿئي ٿو.'

تيرٿ بسنت هامي ڀريندي ڪنڌ ڌوڻيندو 'ها ائين آهي. ورڊ سورٿ بہ قدرت جو شاعر آهي.' هو سندس انگريزيءَ جون ڪي مصرائون گنگنائيندو.

هو پنهنجي ڳالهہ جو سلسلو جاري رکندي چوندو 'اسانجي اڪالهہ جي ليکڪن کان محنت ڪانہ ٿي پڄي. هو صرف آنڱرا ڳڻ ڪندڙ دفتري آهن. ويجهڙائيءَ ۾ پوپٽي هيرانندانيءَ هڪ ڪتاب لکيو آهي انگريزيءَ ۾. مون بابت اُٺ نوَ سٽون لکيون اٿس. سموريون غلط، تہ نہ مان پرشن اسڪالر آهيان، نہ ئي سنڌيءَ جو اسڪالر آهيان. مون ڇا لکيو آهي، اهو هن پڙهيو ئي ڪونهي ....

.... اسان جا سنڌي ليکڪ پاڻ تي ڪابہ صحتمند نڪتچيني برداشت نٿا ڪن. پروفيسر منگهارام ملڪانيءَ جي چوڻ تي مون سندس هڪ ڪتاب تي انگريزيءَ ۾ سمالوچنا لکي ڪيس موڪلي ڏني. اُن ۾ صرف هڪ جملو هو نڪتچينيءَ جو. پروفيسر ملڪانيءَ جهڙو فراخدل شخص بہ اهو برداشت نہ ڪري سگهيو. اهو جملو ڪٽي 'اِنڊين لٽريچر' ڏانهن سمالوچنا موڪلي ڏنائين. مون کان پڇڻ ضروري نہ سمجهيائين. مون کي ان جو ڏک ٿيو.

'تو منهنجو ڪتاب 'هندن جو اِتهاس' پڙهيو آهي؟'

منهنجي ناڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ تي چوندو : 'پڙهي ڏسج. ڇئن جلدن مان اڄا رڳو پهريون جلد ڇپيو آهي. مون ٻين جيان اُن ۾ ڏڪا نہ هنيا آهن. نہ ئي مروڙي سروڙي، هِتان هُتان ٻين جا غلط سلط حوالا ڏنا آهن، جيئن اُهڙيون تاريخون لکڻ ۾ دوارڪا پرساد شرما يا گنگارام سمرات ڀئي ڪيو آهي. پر پنهنجي سر تحقيقي ڪارِہ ڪري ٿوس نتيجا ڪڍيا آهن تہ سنڌ ۾ هندو سوڍا راجپوت پنجين صديءَ ۾

توهان طرفان

اَرجن ڪرپالاڻي (بياور)

’رچنا‘ -۱۲۶ انڪ پڙهي سڪون لڌم.

’ڪاميابي ۽ مهارت‘ ذهن تي اونهو اثر ڪيو. اخلاقي قدر انساني ملهن کي آگوٺو ڏيکاري، شارٽ ڪٽ طريقي سان راتون رات دولت ۽ شهرت حاصل ڪرڻ ۾ اڄ وڏا وڏا سنت، مهاتمائون، راڄنيتا ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر جون پروفيشنل ليڊيون ڪين ٿيون ڪيٻائين. جيتوڻيڪ اها دنيوي ڪاميابي ۽ اُنمان حاصل ٿيندڙ خوشي دائمي نه هوندي آهي، نه ئي سچو ذهني سڪون حاصل ٿيندو آهي.

گووردن پارتي - اگر ديس جو راهي جو اڄ به پنهنجي ادبي سنسار ذريعي اَسانجون راهون روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي سوڪيم روپ ۾ حاضر آهي. جيتوڻيڪ اهو به ڪوڙو سچ آهي ته اسانجي سنڌي ساهتيه پڙهڻ جي پرورتي ڏينهون پوءِ پوئتي ئي آهي!

اَرجن چاولا جو غزل - هن جي هيل تائين لکيل غزلن ۾ بهترين لڳم. خيال جي نزاڪت، اونهائي ۽ انداز بيان ۾ هر لحاظ کان هي غزل بي نظير چئي سگهجي ٿو.

گوپ ڪمل جا سڀ غزل متاثر ڪن ٿا، پر نئين ڪوتا ’حملاور‘ به سوچ لاءِ آماده ڪري ٿي.

’پوڻي يا ڏاڏي‘ وليرام ڪشناڻيءَ جي ڪهاڻي پڙهي لنو لنو ٿري پيم. ڪاش هن ڪهاڻيءَ کي پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ وارا نوجوان پاٺڪ ملن، جيئن ته ڪهاڻيءَ ۾ ڏنل سنديش کي هنياوَ سان هنڊائڻ جي اڄ سخت ضرورت آهي.

گوپ ڪمل جي ’چانو ويڙهيل جسم‘ تي شري حاسد جو مقالو پڙهي وڏو سڪون حاصل ٿيو. اڄ جي سنڌي ادب ۾ هڪ هٿ جي آڱرين جيترا نقاد مس وڃي بچيا آهن. شري حاسد جو اهو نئون روپ پسي بيحد متاثر ٿيس.

’رچنا‘ اَڄ به پنهنجي معيار کي قائم رکي ادب سان نباهي رهي آهي ان لاءِ توهان صحيح معنيٰ ۾ ڌنيواد جا حقدار آهيو.

ڦڙت چال ۽ نروڳ سرير ڏسي، مون کي هن سان رشڪ ٿو ٿئي.

’اڄ ڪمند جو رس پيئون!‘

ڪمند جو رس پيئندي هو چوڻ ’توکي شايد وشواس نه اچي ته هڪ دفعي گانڌيجيءَ جي سماڌيءَ تان واپس موٽيس ته ڏٺم گانڌي پاڻ اچي منهنجي سامهون بيٺو آهي. گانڌيجيءَ لاءِ مون کي بيحد گهڻي عزت آهي. هن جي ساهت جو اڀياس ڪيو اٿم. گانڌيءَ مون کي چيو ’مون کي تون هڪ انجام ڏي ته مان توکي جيئڻ چوان تيئن ڪندين.‘

مون ٻاپوءَ کي وراڻيو ’نه! مان توکي ڪو به انجام ڏيئي نه سگهندس، نه ئي تنهنجو رکيل ڪو شرط مڃيندس. ها، مان توکي صرف هڪ وچن ڏيئي سگهان ٿو. ’آءِ وِل بي ٽروُٽُ ماءِ سيلف!‘ (مان پاڻ طرفان هميشه سچيار رهندس) گانڌيءَ منهنجي ڳالهه ٻڌي مشڪي ڏنو. سندس چهري تي سرهائي نمايان هئي. مون کي لڳو مون سندس دل وٽان ئي ڳالهه چئي هئي.‘

سامهون هڪ خالي آٽو رڪشا بيٺل ڏسي، مان تيرٿ بسنت کان موڪلايان ٿو، رات جا اٺ لڳا آهن. گريٽر ڪئلاش ۾ منهنجو ميزبان انتظار ڪندو هوندو.

تيز رفتار سان آٽو رڪشا دهليءَ جي ڪشادن رستن تي ڊوڙندي ٿي وڃي. تيرٿ بسنت جي چيل ڪيترن ئي ڳالهين سان منهنجو اتفاق ڀلي نه هجي، ليڪن ان ۾ ڪي به رايا ٿي نٿا سگهن ته سچي عمر هن پاڻ سان نباهيو آهي. جيڪي دل ۾ محسوس ڪيو اٿس، اُهو ئي قلمبند ڪيو اٿس، جيڪي صحيح سمجهيو اٿس، اُن تي عمل ڪيو اٿس. هو واقعي پاڻ سان ايماندار رهيو آهي. اڄ اها حقيقت گهڻن سنڌي ساهتڪارن سان لڳائي ٿي سگهجي؟

6, Maleer,
Adipur (Kutch) - 370205

پريم جوتواڻي (ناگپور)

’رچنا‘ جو انڪ ١٢٧ شرد پورنما جي سونهاري ڏينهن مليو. رچنا پڙهڻ سان مون کي هڪ نه پر ٻه مهتاب نظر آيا. هڪ آسمان ۾، ٻيو ساهت ۽ ڪلا جي ’رچنا‘ جي سجاڳ ڪندڙ (enlightening) رچنائن ۾. ان انوکي چانڊوڪيءَ ۾ مون کي نئين نظر (New Vision) ملي. انمول سوغات. مهرباني.

سمپادڪي ليک خودي (Ego) ۽ خودداري (Human Dignity) پڙهيم. اڄ ڪالهه نالو ڪمائڻ لاءِ ناٽو ضروري آهي. جن وٽ ناٽو آهي اُهي پنهنجي خودي (Ego) برقرار رکڻ لاءِ پئسي جي زور تي، هڪ ٻئي جي واهواهي سوسائٽي (Society of Mutual Admiration) جو نرماڻ ڪري پنهنجو پاڻ کي واري وٺيءَ سان منچ تي براجمان ڪري گلاب جي گلن جا هار ٿا پائين. اَهڙا چاپلوسي ڪرڻ ورا ’وڏن ماڻهن‘ کي ضرورت کان وڌيڪ اهميت ٿا ڏين. انهن جي اڳيان پنيان ٿا گهمن.

اَرجن حاسد (اَحمدآباد)

ساهت ۽ ڪلا جي رچنا - ١٢٦ ۾ توهانجو سمپادڪيه، ’ڪاميابي ۽ مَهارت‘، سڀ اخباري چٽڪلا آهن. هڪ ماهر سمپادڪ، ساهت تي به هوند لکي. نصيحت، ساهتيه کي کوکلو بڻائيندي آهي. اسان پاڻ ڏي ڏسون، پاڻ کان پڇون. اسان سيني ۾ اهي گڻ آهن. فوٽن کان سواءِ مخزن ڪيئن شايع ٿيندي! مخزن جا پنا شاهوڪارن جا ملهه ڪٿيندا آهن، سنتن جا درشن ڪرائيندا آهن، ڏاڍن اڳيان جُهڪي ويندا آهن. سياست جي واچن مان ڳنگ وهندي آهي، ڪئميرائون ڪلڪ ٿينديون آهن. مندر نهرايون ٿا، هيرو ورشپ ۾ لڳا پيا آهيون. شال وڌون ويجهون.

Visit our upgraded website: www.sindhology.org

Published and Printed by Lakhmi Khilani Director, on behalf of Indian Institute of Sindhology Ward 4A, Near Santoshi Maa Mandir, Adipur (Kutch) - 370205. Printed at Shree Sainath Offset Commercial Art Printers, Plot No. 127, Sector 1A, Gandhidham - 370201, Editor : Lakhmi Khilani.







THE METROPOLE HOTEL











R.T.O. Circle, Subhash Bridge Corner, Ahmedabad - 380 027

Tel. : +91-79-30130203 Facsimile : +91-79-3013208 www.themetropolehotel.co

ahit ain Kala ji RACHNA Registered with Registrar of Newspapers for India
egistration No. GUJSIN / 2006 / 16540